ستسنگ

٢

مهاراج چرن سنگهه جي

شبد
ڪاڻا ڪامڻ ات سوالهڻو
گرنٿ صاحب

راڌا سوامي ستسنگ بياس (پنجاب)

ستسنگ

مهاراج چرن سنگهه جي

شبد

”ڪائڻا ڪامڻ آت سوا لهڻو“

گرنت صاحب

راڌا سوامي ستسنگ- بياس (پنجاب)

ڀومڪا

حضور مهاراج بابا ساون سنگهه جن جا ستسنگ هن کان اڳ "سنت مت" ۽ "سنتن جي سکيا" پستڪن ۾ سنگرهه ڪري سنڌيءَ ۾ ڇپايا ويا آهن.

سنگت جي اها چاهنا هئي ته موجوده ستگورن، مهاراج چرنسنگهه جن جا ستسنگ به ڇپايا وڃن. حضور جن جي آگيا انوسار سندن ستسنگ ننڍن ننڍن ڪتابن جي روپ ۾ پنجابي ۽ هنديءَ ۾ ڇپايا ويا آهن.

هيستائين اٺ ستسنگ، سنڌيءَ ۾ ڇپجي چڪا آهن جن ۾ سوامي جي مهاراجن، گورو گرنٿ صاحب، تلسي صاحب ۽ پلٽو صاحب جن جي شبدن جي وياکيا ڪيل آهي.

هن انڪ ۾ گورو گرنٿ صاحب مان "ڪايا ڪامڻ اتي سوالهڙو پر وسيءَ جس نالي" شبد جي وياکيا جا هنن پنهنجي پوتر مکاروند مان فرمائي آهي، پيش ڪجي ٿي. هن ۾ ستگورن نهايت سرل ۽ سهڻي نموني سنت مت کي کولي سمجهايو آهي. آشا آهي ته جگياسين کي هن مان سنت مت جي اصولن جي ٻوجهه پوندي ۽ سرت شبد جي ڪمائيءَ جو شوق پيدا ٿيندو. اميد ته جلد اهڙا ٻيا به ستسنگ سنگت جي سيوا ۾ پيش ڪيا ويندا.

شري منگهارام ديال اجمير نواسيءَ هي سنڌي ترجمو ڪري ڇپائڻ جو پربنڌ ڪيو جنهن لاءِ اسين سندس شڪرگذار آهيون.

ايس - ايل - سونڌي

Published by : S. L. Sondhi
Secretary Radha Soami Satsang,
Beas (Punjab)

دفعو ٻيو]   ڊسمبر ١٩٧٦   [جلد ٥٠٠٠ هزار

Printed by Shri Chuharmal R. Dhanwani
at the Rashtrya Printing Works,
XX/262 Diggi Chowk, Ajmer.

ستسنگ جا وچن

ڪايا ڪامڻ اٿ سوالهڻو پر وسي جس نالي

هيءُ ٽين پاتشاهي گورو امرداس جي مهاراج جن جي باڻي آهي. اُپديش ڪن ٿا تہ اسان سڀني کي پرماتما جي تلاش آهي. اسين چڱيءَ طرح سمجهون ٿا تہ اُن سان ملڻ بنا اسانجو ديهہ جي بندنن، جنم مرڻ جي ڏکن ۽ چوراسيءَ جي چڪر مان ڪنهن بہ حالت ۾ ڇوٽڪارو ٿي نٿو سگهي. اسين پنهنجي پنهنجي عقل انوسار هزارن طريقن سان پرماتما کي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. هن شبد ۾ گورو امرداس جن پنهنجو تجربو ٻڌائيندي سمجهائين ٿا تہ پرماتما ڪٿي ٻاهر ڪونهي، هو اسانجي شرير، اسانجي ديهہ جي اندر آهي. جيڪڏهن ڪو اصلي هري مندر يا گوردوارو آهي، مسجد، ٺاڪر دوارو يا ديول آهي تہ اُها صرف اسانجي ديهہ آهي. اُهو پرماتما اسانجي شرير اندر وسي ٿو. اسانجي هيءَ ڪايا هڪ سندر شهر آهي. اِنهيءَ جي اندر ئي اسين اُنهيءَ مالڪ کي ڳولي سگهون ٿا ۽ واپس وڃي مالڪ سان هميشه لاءِ ملي سگهون ٿا. گورو اَمرداس جن فرمائين ٿا:

"هر مندر ايهہ سرير هي،
گيان رتن پرگٽ هوئي."

اسين هري مندر ڇا کي ٿا چئون؟ جتي هري وسندو، جتي پرماتما نواس ڪندو. مالڪ جي رهڻ جو جيڪڏهن ڪو اصلي مندر آهي تہ اُهو صرف اسانجو شرير آهي،

شبد

ڪائنا ڪامڻ ات سوالهڻو پر وسي جس لالي،
پر سچي لي سدا سهاڳڻ گورو ڪا سبد سمهالي.
هرڪي ڀگت سدا رنگ راتا هومي وچهه جالي،
واهه واهه پوري گور ڪي باڻي
پوري گور لي اپجي ساچ سماڻي.
ڪائنا اندر سڀ ڪڇھ وسي کنڊ منڊل پاتالا،
ڪائنا اندر جگ جيون داتا وسي سڀنا ڪري پرتپالا،
ڪائنا ڪامڻ سدا سهيلي گورمک نام سمهالا.
ڪائنا اندر آپي بسي الک نه لکيا جائي،
منمک مگڌ بوجهي ناهين باهر ڀالڻ جائي،
ستگور سيوي سدا سک پائي ستگور الک دتا لکائي.
ڪائنا اندر رتن پدارٿ ڀگت ڀري ڀنڊارا،
اس ڪائنا اندر نوکنڊ پرٿمي هاٽ پٽڻ باجارا.
اس ڪائنا اندر نام نونڌ پائيئي گور ڪي سبد وچارا،
ڪائنا اندر تول تلاوي آپي تولڻ هارا.
اهه من رتن جواهر ماڻڪ تسڪا مول افارا
مول ڪتهي نام پائيئي ناهي نام پائيئي گور بيچارا.
گورمک هووي سو ڪائنا کوجي هور سڀ ڀرم ڀلائي،
جسنو ديئه سوئي جن پاوي هور ڪيا ڪوڪري چترائي.
ڪائنا اندر ڀئه ڀاءُ وس گر پرسادي پائي،
ڪائنا اندر برهما بسن مهيسا سڀ اوپت جت سنسارا.
سچي آپڻا کيل رچائنا آوا گوڻ پاسارا،
پوري ستگور آپ دکائيا سچ نام نستارا.
سا ڪائنا جو ستگور سيوي سچي آپ سواري.
وڻ ناوي در ڍوئي ناهي تا جم ڪري خاري،
نانڪ سچ وڊ هائي پائي جسنو هر ڪرپا داري.

جامو. گورو ارجن ديو جن فرمائين ٿا.

”لک چوراسي جون سڀائي،
مانس ڪي پرڀ ڏي وڏيائي.
اس پؤڙي تي جو نرچوڪي،
سو آءِ جاءِ ڏک پائيندا.“

پرماتما جيڪڏهن ڪنهنکي اهو اڌڪار ڏنو آهي ته هنجي ڀڳتي ڪري هن سان ملي سگهي ته اهو صرف انسان کي ڏنو آهي. گورو صاحب جن نهايت سندر مثال ڏيئي سمجهائين ٿا ته انساني جامو ڏاڪڻ جو آخرين ڏاڪو آهي، جي ڪوشش ڪنداسين ته مڪان جي ڇت تي پهچي وينداسين پر جي پير ڪسڪيو ته هيٺ اچي ڪرنداسين. جيڪڏهن ديهه ۾ وڃي، مالڪ جي ڀڳتي ڪري، مالڪ سان ميلاپ ڪنداسين ته جنم مرڻ جي بندن، چوراسيءَ جي ڏکن کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو پائينداسين. جيڪي لوڪ هن سنسار ۾ اچي، من جي اڌين ٿي وشيه وڪارن، شرابن ڪبابن ۾ ڦٽڪندا رهن ٿا، انهيڪي انهن ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ بار بار ديهه جي قيد ۾ اچڻو پوندو.

هندو مهاتما هن منش چولي کي نر نارائڻي ديهه چوندا، مسلمان فقير انکي اشرف المخلوقات سڏين ٿا ۽ يهودين جو وچار آهي ته پرماتما اسانکي پنهنجي شڪل تي ٺاهيو آهي. يسوع مسيح انکي ”زنده خدا جو مندر“ سڏيو آهي. حضور مهاراج جن انکي Top of Creation (سرشٽيءَ جو سرمور) چئي سمجهائيندا هئا. جيڪڏهن اسين مالڪ سان ملڻ جي ڪڏهن ڪا ڪوشش ڪري سگهون ٿا ۽ هن سان ميلاپ جو ڪو مارگ ڳولي سگهون ٿا ته اهو صرف منش چولي ۾ ئي سگهي ٿو. چوراسي لک جونيون ڀوڳڻ ڪانپوءِ ئي مالڪ

اسانجي ڏيهه آهي. پر اسين دنيا جا جيو عجيب عقل جا
مالڪ آهيون، پنهنجي هٿن پيرن سان جهڪي سرن ۽ پٿرن
جون جڳهيون ٺاهيون ٿا، انهن ۾ وڃي رات ڏينهن اُنهيءَ
پرماتما کي ڳوليون ٿا پر انهيءَ جڳهه ڏانهن ڌيان نٿا ڏيون
جنهنکي پرماتما خود پنهنجي رهڻ واسطي ٺاهيو آهي. ٽوار لاءِ
پڙهي اڄ ٿي اچي ته اسانجي ٺاهيل مندرن، مسجدن،
گوردوارن جي جيڪڏهن غلطيءَ وچان ڪا ديوار به ڪري
پوي ٿي ته اسين اُنهيءَ پرماتما جي ٺاهيل هر مندرن کي
هزارن جي تعداد ۾ ڊاهڻ لاءِ تيار ٿي وڃون ٿا ۽ پوءِ پاڻکي
شهيد سڏايون ٿا، مذهب جا رکيڪ سڏايون ٿا. جي هڪ ٻئي
جو خون ڪرڻ سان پرماتما ملي ته انهيءَ کان سستو ٻيو ڪهڙو
سودو ٿيندو! پر اِهو اسانجو خيال بلڪل غلط آهي. جن جو
پرماتما سان پيار هوندو آهي اُنهنجو پرماتما جي مخلوق سان
به پيار ٿيندو آهي. اسان سڀني جا هٿ پير نڪ منهن وغيره
هڪجهڙا آهن. اسانجو ٺاهيندڙ به هڪ ئي آهي ۽ هو اسانجي
اندر ويٺو آهي. پوءِ جيڪڏهن اسين ڪنهن سان نفرت
ڪريون ٿا ته اُن جو مطلب اهو ٿيو ته اسين پرماتما سان
نفرت ڪريون ٿا. جيڪڏهن اسين ڪنهنکي ڀرو ٿا سڏيون
ته سمجهو اسين پرماتما کي ڀرو ٿا سڏيون. جنهنجي دل ۾
پرماتما جي ملڻ جو شوق ۽ پيار آهي، اُنجو هن جي بندن
سان به پيار هوندو آهي.

گورو صاحب جن اسانکي پيار سان سمجهائين ٿا ته پرماتما
ڪٿي ٻاهر ڪونهي، هو اسانجي شرير يا وجود جي اندر ئي
آهي ۽ اسانکي انهيءَ شرير ۾ ئي هنکي ڳولڻ جي ڪوشش
ڪرڻ کپي. هي جيڪي ڪجهه اسانکي ڏسڻ ۾ اچيٿو اِهو
چوراسيءَ جو هڪ وڏو جيلخانو آهي ۽ اُنهيءَ جيلخاني مان
نڪرڻ جو صرف هڪ ئي دروازو آهي ۽ اِهو آهي انساني

جو سار آهي، اهو سيبئي ڏومن جي تهه ۾ سانڍيو آهي پر اسين ان حقيقت، ان اصليت جي گهرائيءَ تائين پهچڻ جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون. اسين صرف ٻاهرين رسمن ۽ رواجن ۾ ئي ڦاٿا پيا آهيون ۽ انهن ۾ اٽڪي هڪ ٻئي سان وڙهڻ جهڳڙڻ شروع ڪري ٿا ڇڏيون. سيبئي مهاتما اهو ئي اپديش ڏين ٿا ته مڪتي پراپت ڪرڻ جو جيڪڏهن ڪو ساڌن آهي ته اهو شبد جي ڪمائي آهي، نام جي ڪمائي آهي.

شبد ٻن پرڪارن جو آهي- هڪ ورڻاتمڪ ۽ ٻيو ڌنياتمڪ. ورڻاتمڪ شبد انکي ٿا چئون جو اسانجي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو. اسان پنهنجي پنهنجي پيار ۾ اچي، جيڪي ۾ پرماتما جا مختلف نالا رکيا آهن، اهي سڀ اسانجي لکڻ، پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا. پر جنهن شبد جي مهما گورو صاحب جن ڪن ٿا اهو ڌنياتمڪ شبد آهي. اهو ئي سچو شبد آهي، سچو نام آهي. اهو نه اکين دوارا ڏسي سگهجي ٿو، نه زبان سان بيان ڪري سگهجي ٿو ۽ نه ڪن دوارا ٻڌي سگهجي ٿو. حضور مهاراج جن انکي Un Written Law & Un Spoken Language (اڻلکيل قانون ۽ اڻ ٻوليل ٻاشا) چوندا هئا. گورو صاحب جن اُن سچي شبد يا نام جي مهما ڪندي فرمائين ٿا:

”اکي باجهه وکڻا، ورڻ ڪنان سنڻا،
پيرون باجهه چلڻا، ورڻ هٿان ڪرڻا.
جيڀئي باجهه بولڻا، اِئن جيوت مرڻا،
نانڪ حڪم پڇاڻ ڪي، اِئن خصمي ملڻا.

اُنهيءَ شبد يا نام جو ڀيد پراپت ڪرڻ لاءِ اسين سنگوروءَ جي سنگت ڪريون ٿا، انلاءِ ته نام جو ابياس ڪري اسين مڪتي پراپت ڪري سگهون، جنم مرڻ جي دکن کان هميشه

اسانکي هي منش چولو بخشيو آهي ته اسين ان ۾ ويهي
مالڪ جي ڀڳتي ڪري هن سان ميلاپ ڪري سگهون.

پر سچي تي سدا سهاڳڻ گورو ڪا سبد سنڀالي

گورو صاحب فرمائين ٿا ته اسانجي آتما استري آهي ۽ پرماتما هنجو پتي آهي. هيءَ آتما واپس وڃي پرماتما سان ملي ڪرڻي سهاڳڻ بڻجي سگهيٿي ۽ هنجو جنم مرڻ جي دکن کان ڇوٽڪارو ٿي سگهيٿو. جيستائين اسين واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ نٿا ڪريون، اسانجي حالت ڏهاڳڻ استريءَ جهڙي آهي جا پنهنجي پتيءَ جي چرنن کان وڇڙيل آهي ۽ جنهنکي هن دنيا ۾ هر طرف دک ئي دک سهڻا پون ٿا. هيءَ آتما واپس وڃي پرماتما سان ڪڏهن ملي سگهندي؟ گورو صاحب جن پيار سان سمجهائين ٿا، 'گورو ڪا سبد سنڀالي' يعني آتما پرماتما سان تڏهن ملي سگهندي جڏهن اسين گورمکن وٽ وڃي نام يا شبد جي ڪمائي ڪنداسين. جيڪڏهن مڪتي پراپت ڪرڻ جو ڪو ساڌن آهي ته اهو صرف شبد يا نام جي ڪمائي آهي. اهو شبد ڪٿي آهي، انجي ڪمائي ڪهڙي طرح ڪرڻي آهي، اها ڄاڻ صرف گورمکن، سنتن مهاتمائن مان ئي پوٿي. گورو صاحب فرمائين ٿا، 'سنٿه گورمک پورا ڀائي، نامو پوج ڪرائي.' جيڪڏهن ڪو پورو گورو ملي وڃي، هو نام يعني شبد جو ڀيد ڏئي ۽ اسين شبد جي ڪمائي ڪريون تڏهن ئي اسين وڃي مالڪ جي ڀڳتي ڪري سگهنداسين، واپس وڃي مالڪ سان ميلاپ ڪري سگهنداسين. ڪنهن به مهاتما جي باڻي پڙهي ڏسو، سڀ ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا ته جيڪي ڪجهه ملندو ته صرف نام ۽ شبد جي ڪمائيءَ سان ئي ملندو. سڀني ڌرمن جون مختلف رسمون ۽ رواج آهن پر جيڪا اصليت آهي، روحانيت آهي، سچي پرمارٿ

وقت مقرر ڪري لکو سگهجي.

گورو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا: "نامي هي ليي سڀ ڪڇ هوئا" يعني هي جيڪي به ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو، ان سڀ جي رچنا پرماتما نام دوارا ڪئي آهي. جنهن نام سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي انجو سمو، وقت يا معياد اسين ڪيئن ٿا ڪٿي سگهون! مسلمان فقير سمجهائين ٿا ته 'ڪن' ساري دنيا جي رچنا ڪئي آهي. عيسيٰ مسيح جو چوڻ آهي ته 'ورڊ' ساري سنسار جي رچنا ڪئي آهي. مهاتما، جدا جدا قومن، مذهب ۽ ملڪن ۾ اچي، مختلف لفظن دوارا ان سچي شبد کي بيان ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. اهو شبد يا نام ڪٿي ٻاهر ڪونهي. اهو اسان جي شرير جي اندر آهي. جڏهن به اها نام جي دولت ملندي، اسانجي ديهه جي اندرئي ملندي. اسانجا ويد شاستر، گرنٿ پوٿيون ۽ ٻيا ڌرم پستڪ ان نام جي مهما سان ڀريل آهن. انهن جي پڙهڻ سان اسانجي اندر ان نام جي ڪمائي ڪرڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿئي ٿو، نام جي اڀياس ڪرڻ جي ساڌن ۽ طريقي جو پتو پوي ٿو. پر اها نام جي دولت گرنٿن پوٿين ۾ ڪانهي، اها اسانجي شرير جي اندر آهي. مثال طور ڊاڪٽر جو ڪتاب نسخن سان ڀريل هوندو آهي پر هن جون دوائون الماريءَ ۾ هونديون آهن. مهاجن جي بنديءَ ۾ ڪروڙن روپين جي لهڻي ڏيڻي جو حساب هوندو آهي پر روپيا هنجي تجوڙيءَ ۾ هوندا آهن. جيڪڏهن ڪنهنکي پيٽ ۾ سور هجي ۽ هو ڪتاب ۾ لکيل نسخي کي ياد ڪرڻ شروع ڪري ته هنجو سور مان ته ڇوٽڪارو ٿي ڪونه سگهندو. جڏهن هو ان نسخي مطابق دوا ناهي کائيندو ته ڪيس ڊاڪٽر وٽ وڃڻ جو فائدو نه پرابت ٿيندو ۽ بيماريءَ مان نه ڇوٽڪارو لهندس. اهڙي طرح گرنٿ پوٿيون پڙهڻ سان اسانجو خيال

لاءِ چونڪارو پائي سگهون. هي جيترا به اسانجا ورڻاتمڪ نام آهن، اُهي اسانجا ساڌن آهن، ذريعا آهن. پر ڌنياتمڪ شبد اسانجو مقصد آهي. ورڻاتمڪ نام ذريعي اسانکي پنهنجو خيال ڌنياتمڪ نام سان جوڙڻو آهي. اُنهن لفظن جي پيار ۾ اچي اسانکي قومن، مذهبن ۽ ملڪن جي جهڳڙن ۾ نه ڦاسڻ گهرجي، هڪ ٻئي سان وڙهڻ جهڳڙڻ شروع نه ڪرڻ جڳائي. اسانجا جهڳڙا اهڙائين آهن، جيستائين اسين اُن سچي نام کان وڇڙيل آهيون، لفظن جي چڪر ۾ ڦاٿل آهيون. سنت مهاتما اسانکي انهن ڀرمن ۽ جهڳڙن مان ڪڍي، اسانجي خيال کي شبد ۽ نام سان جوڙڻ لاءِ اچن ٿا. هي جيترا به اسانجا لفظ آهن، ورڻاتمڪ نام آهن، انهن سڀني جو ڪو نه ڪو معياد حد ۽ وقت آهي. ڪو سؤ سال پراڻو آهي، ڪو پنج سؤ سال پراڻو آهي ته ڪو هزار سال پراڻو آهي. اسان پرماتما جا ڪيئي نالا رکيا، ڪيئي وساري ڇڏيا. هزارين انيڪ مهاتما ايندا ۽ اُهي هزارين انيڪ لفظن سان اُن مالڪ کي ياد ڪندا. سوامي جي مهاراج جن آيا؛ اسان اُن پرماتما کي "راڌا سوامي" چئي ياد ڪرڻ شروع ڪيو. گورو نانڪ صاحب جن آيا، اسان اُن مالڪ کي "واهگورو" چئي پڪارڻ شروع ڪيو. محمد صاحب آيا، اسين پرماتما کي 'الله' چوڻ لڳاسين. شري رامچندر جي مهاراج آيا ته اسين 'رام رام' چوڻ لڳاسين. پر ذرا ويچار ڪري ڏسو؛ سوامي جي مهاراج جن کي آئي صرف سؤ سال ٿيا آهن، گورو نانڪ ديو مهاراج جن کي آئي پنج سؤ سال ٿيا آهن، محمد صاحب کي آئي چوڏهن سؤ سال ٿيا آهن. اهڙي طرح رامچندر مهاراج کي آئي ڏهه پندرهن هزار سال ٿيا هوندا، سو جيترا به هي اسانجا نالا آهن انهن سڀني جو وقت مقرر ڪري سگهجي ٿو. پر جنهن نام جي مهاتما مهما ڪري رهيا آهن انجو

تي عمل ڪرڻ شروع ڪنداسين ته اسانجي مارگ ۾ جان اهي
رڪاوٽون به دور ٿي وينديون ۽ اسانکي پنهنجي منزل
مقصود به ڏسڻ ۾ ايندي. گرنٿن پوٿين جو پڙهڻ اِئين آهي
جيئن هڪ ميري برتڻ کي مٽي سان صاف ڪرڻ. پر ميري
برتڻ کي ڇا لاءِ ٿو صاف ڪجي؟ ان لاءِ ته اهو ڪنهن شيءِ
وستو رکڻ جي لائق بڻجي. ميري برتڻ کان صاف برتڻ چڱو
آهي پر صاف برتڻ کان ڀريل برتڻ وڌيڪ چڱو آهي. جنهن
هردي ۾ اسين نام روپي امرت رکڻ چاهيون ٿا، ان هردي
کي، اسين مهاتمائن جا پستڪ پڙهي ۽ ان ۾ لکيل
اپديشن جو لاڀ وٺي، شڌ ڪري سگهون ٿا، پوتر ڪري
سگهون ٿا. پر برتڻ کي صرف صاف ڪرڻ ڪافي ڪونهي،
انکي ڪتب آڻڻ جي به ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ان شڌ
هردي کي نام روپي امرت سان ڀرڻ جي به ڪوشش ڪرڻ
گهرجي. انهنڪري مهاتما پيار سان سمجهائين ٿا ته گرنٿ
پوٿيون، ويد شاستر وغيره پڙهڻ گهرجن ڇاڪاڻ ته جيستائين
مهاتمائن جي اپديشن جي باري ۾ نه پڙهنداسين تيستائين نڪي
مالڪ جو پتو پئجي سگهندو ۽ نڪي هن سان ملڻ جو شوق
۽ پيار پيدا ٿي سگهندو. پڙهي ڇڏي نه ڏيڻ کپي بلڪ
جيڪي ڪجهه مهاتما سمجهائين ٿا اُن تي عمل ڪرڻ جي
ڪوشش به ڪرڻ گهرجي. مگر افسوس سان چوڻو پوي ٿو
ته اسانجو زياده زور گرنٿن پوٿين، ويدن شاسترن جي پڙهڻ
تي آهي. وري پڙهون به اسين خود ڪونه ٿا، ٻئي کي ٿي
پڙهايون ٿا. اسين پاڻ ته دفتر جي فائيلن، سنيما جي سير يا
عيش عشرت ۾ اُلجهيا پيا هوندا آهيون ۽ پانڌي يا پنڊت گهر
۾ پاٺ ڪندو رهندو آهي ۽ اسين ۽ سمجهندا آهيون ته اسين
ڪيترو نه پنج ڪٽي رهيا آهيون. جيڪڏهن خود ويهي
پڙهون يا ٻڌون ته جيڪر من کي اثر به لڳي، دنيا جي

نام سان جڙي ڪين سگھندو ۽ جيڪي ڪجھ پڙهون ٿا اُن تي
عمل ڪرڻ سان ئي اسانجو خيال شبد ۽ نام سان جڙي سگھي
ٿو. صرف 'لڏون لڏون' چوڻ سان پيٽ نٿو ڀرجي. پر
لڏون کائڻ سان ئي اسانجو پيٽ ڀرجندو. جيڪڏهن اسان
کي ڪنهن سفر تي وڃڻو هجي ته سڀ کان پهرين ٽائيم ٽيبل
ڏسنداسين يا گائيڊ بڪ پڙهنداسين. ان مان اسانکي پتو
پوندو ته گاڏي اسٽيشن تان ڪهڙي بجي رواني ٿئي ٿي، ڀاڙو
ڪيترو آهي، سفر ڪيترو لنبو آهي، رستي ۾ گاڏي ڪٿي
ڪٿي ٿمائڻي پوندي. جڏهن هر پرڪار جي ڄاڻ حاصل
ڪري، اسين اسٽيشن تي وڃي، ٽڪيٽ وٺي گاڏيءَ ۾
ويهون ٿا تڏهن وڃي ٿو اسانجو سفر طئه ٿيڻ شروع ٿئي،
منزل مقصد تي پهچڻ جي آشا جاڳي. جيڪڏهن اسين گهر
ويهي سڄو ڏينهن ٽائيم ٽيبل ئي پڙهندا رهنداسين ته پوءِ
ڪيترو به ان ۾ لڳا رهون پر اسانجو سفر طئه ڪونه ٿي
سگھندو، گهر جو گهر ۾ ئي ويٺا هونداسين. اهڙي طرح اسين
گرنٿ پوٿيون پڙهي جيستائين ان تي عمل نٿا ڪريون تيستائين
اسانکي ڪجھ به پراپت نٿو ٿئي، چاهي ڪيترا به ڪٽي پوءِ
ٻاهون، پاٺ ڪريون، ڪجھ فائدو نه ٿيندو.

اسانجا ويد شاستر، گرنٿ يا ڌرم پستڪ ڇا آهن؟ رشين
منين، گورو صاحبن، سنتن مهاتمائن، پيرن پيغمبرن ڀڳتون
ڪري مالڪ سان ميلاپ ڪيو. انهن جيڪي جيڪي لڏارا
رستي ۾ ڏٺا يا جيڪي رڪاوٽون مارگ ۾ ڏٺيون، اُنهن
سڀني جو ذڪر هنن گرنٿن، پوٿين ۾ ڪيو. اُهي پڙهڻ سان
اسانکي پنهنجي منزل مقصود جو پتو ٿو پوي، روحاني رستي
جي دشوار گهاٽين جي ڄاڻ ٿي پوي. جيڪي ڪجھ اسين
پڙهون ٿا، ان دوارن نڪي اهي دشوار گهاٽيون پار ٿين
ٿيون ۽ نڪي منزل مقصود نظر اچي ٿي. جڏهن اسين اُن

تيستائين اسانجو خيال اُن شبد يا نام سان ڪڏهن ٻه جڙي نه سگهندو. جڏهن اسانجو خيال هيٺي ڪنو ٽپي ٿو ڏهين ماڪ جي درگاه مان انهد مٺي کان مٺي يعني سريلي کان سريلي آواز جو پتو پوندو. اها واڻي اسان سڀني جي اندر ڏنڪارون پيئي ڏئي. اُتي نه قوم جو سوال آهي، نه مذهب جو آهي ۽ نه ملڪ جو. هندو، مسلمان، سک، عيسائي سڀ ڪنهنکي هن رستي ذريعي اندر وڃي، پنهنجي خيال کي شبد يا نام سان جوڙڻو آهي. جيستائين اسين پنهنجي خيال کي ان مرڪز يا نقطي تي ڪٺو نه ٿا ڪريون، جتي اهو داتا دان ۽ بخشش ڪري رهيو آهي، جتي اهو نام روپي امرت وسي رهيو آهي، تيستائين اسين ان امرت کي ڪڏهن ٻه پي نه ٿا سگهون. اهو امرت اسانجي اندر (يعني اکين جي وچ ۾) وسي رهيو آهي پر اسانجو خيال اُتان لهي، ڪڏهن ڪام ڪروڌ جي لهرن ۾ وهي ٿو وڃي، ڪڏهن ٻار ٻچن جي خيال ۾ اُلجهي ٿو پوي ته ڪڏهن قومن ملڪن جي جهڳڙن ۾ ڦاسي ٿو پوي. جيستائين اسين پنهنجي خيال کي ٻاهر جي چيزن مان ڪڍي، اُن نقطي تي نه ٿا آڻيون، پنهنجي هردي کي صاف ۽ نرمل نه ٿا ڪريون تيستائين هي نام روپي امرت سان ڪڏهن ٻه پرچي نٿو سگهجي. گورو امرداس جن اُپديش ڏنو ٿا، ”نئو دروازي لوڀن در ڦڪي، رس امرت دسوين چوئنجي.“

اِهي نو دروازا اکين کان هيٺ آهن، جي آهن، ٻه ڪنن جا سوراخ، ٻه ناسن جا سوراخ، ٻه اکيون، وات ۽ ٻه هيٺيان اِندرين جا سوراخ. اسانجو خيال اکين جي مرڪز کان هيٺ لهي، انهن نون دوارن جي ذريعي سنسار جي ڦڪن سوادن ۾ اُلجهيو پيو آهي. اسين اِندرين جي ڀوڳن ۽ وشيه وڪارن پويان ڊوڙندا رهون ٿا. گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته اسين

اهميت جو پتو پوي، پنهنجي اهميت جو پتو به پوي، پرماتما جو پتو پوي ۽ اُن سان ملڻ جو شوق ۽ پيار به پيدا ٿئي. ان پڙهڻ جو به فائدو ٿئي ها، اُن پڙهائڻ جو به فائدو ٿئي ها پر اسين نه هڪ رات يا رواج سمجهي پڙهي ڇڏي ٿا ڏيون. ڪي ڳالهيون تي ويچار ڪرڻ جي ڪوشش ٿا ڪريون ۽ نه انکي سمجهڻ جي. مهاتما اسانکي پڙهڻ کان ڪونه ٿا روڪين پر پڙهڻ کان پوءِ ان تي عمل ڪرڻ تي زور ٿا ڏين. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا:

پڙهيئي جيتي برس برس پڙهيئي جيتي ماس،
پڙهيئي جيتي آرجا پڙهيئي جيتي ساس؛
نانڪ ليکي اِڪ ڳل هؤر هؤمي جهکڻ جهاک.

جيڪڏهن اسين ساري زندگي پڙهندا رهون، سواس سواس پڙهندا رهون، پوءِ به هڪ ئي ڳالهه اسانجي ليکي ۾ لڳڻي آهي ۽ اها آهي سرت جو شبد کي پڪڙڻ ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ. گورو صاحب وڏاڪ چون ٿا، ”پڙهه پڙهه ٿاڪي شانت نه آئي.“ يعني جيڪڏهن اسين پڙهي پڙهي ٿڪجي چُور به ٿي پئون ته به اسانجي من کي سک ۽ شانتي نه ملي سگهندي. سک ۽ شانتي پڙهڻ ۾ ڪانهي پر جيڪي ڪجهه پڙهون ٿا، ان تي عمل ڪرڻ ۾ آهي.

اسانجو روحاني سفر پيرن جي تريَن کان وٺي سر جي چوٽيءَ تائين آهي. ان سفر جون ٻه منزلون آهن. هڪ اکين تائين آهي ۽ ٻي اکين کان مٿي. اسانجو سوچڻ ۽ ويچارڻ جو مرڪز اکين جي پويان آهي. اسانجو خيال ان هنڌان لهي، نون دروازن ذريعي ساري دنيا ۾ ڦهليو پيو آهي، ساري سنسار ۾ رميو پيو آهي. جيستائين اسين پنهنجي ڦهليل خيال کي واپس سميٽي اکين جي پويان ڪٺو نه ڪنداسين

تڏهن سگهنداسين جڏهن اسين من ۾ بابا جي دائري کان ٻاهر هلي ويندا سين. اسانجي آتما تي اسٿول، سوکشم ۽ ڪارڻ شرير جا ٽي پردا چڙهيل آهن. شبد ۽ نام جي ڪمائي ۾ دواران، جڏهن انهن جي سيني بندن کان ڇوٽڪارو پراپت ٿيندو تڏهن وڃي تي اسانجي آتما نرمل ۽ پوتر ٿيندي، تڏهن پنهنجي پاڻ جو پتو ٿو پوي، پرماتما جو گيان ٿو ٿئي، نام جي ڪمائي، نام جو پيار ۽ شوق آتما کي هميشه لاءِ پنهنجي اصل ۾ ملائي ٿو ڇڏي. جيستائين اسانجي آتما نرمل ۽ پوتر نه ٿي ٿئي، اها پنهنجي اصل سان ملڻ يوڳيه نه ٿي سگهندي. بادلن ۾ پاڻي ڪيترو صاف سٿرو هوندو آهي پر جڏهن برسات پئجي زمين تي ڪري ٿو ته ڪيتري گندگي کڻي گندو آهي! جڏهن سورج جي تابش دواران اهوئي گندو پاڻي ٻاڦ جي روپ ۾ صاف ٿي مٿي چڙهي ٿو ته سڌو وڃي بادلن ۾ سمائجي ٿو. اهڙي طرح اسانجي آتما ان پرماتما جو انش آهي پر من جو ساٿ ڪري هوءَ لکن مٽي ۽ گندگي ۾ ڦاسي پئي آهي، ڪرمن جي چڪر ۾ ڦاسي پئي آهي. جڏهن سدگورو جي شرڻ ۾ وڃي اسين شبد ۽ نام جو ابياس ٿا ڪريون ته اسانجي آتما من جو ساٿ ڇڏي نرمل ۽ پوتر ٿي پوي ٿي ۽ واپس وڃي پرماتما سان ملي، پرماتما جو ئي روپ بڻجي پوي ٿي.

هر ڪي پرڳٽ سدا رنگ راتا
هومي ۽ وچهه جالي.

جيڪڏهن اهو پرماتما اسانجي اندر آهي ته پوءِ اسانکي ڏسڻ ۾ ڇو ڪين ٿو اچي؟ گورو صاحب فرمائين ٿا، "آهي گپت پرگهٽ هوئي آئي"، يعني اهو پرماتما ذري ذري، هني هتي ۾ وياپڪ آهي پر ڪنهن هنڌ گپت روپ ۾ آهي ۽ ڪنهن

جڏهن اُهين نَون دوارن مان خيال ڪڍي، ڏسوين گهاٽيءَ ۾ پهچنداسين تڏهن اسانکي پتو پوندو ته اُتي نام روپي امرت وسي رهيو آهي. جيستائين اسين ان امرت کي نه پيئنداسين تيستائين اسانجي من ۾ پريت ۽ شانتي اچي ٿي نه سگهندي ۽ تيستائين اسانجو خيال شراب ڪباب، وشيه وڪار يا دنيا جي ڌنڌن مان هٽي نه سگهندو. جيڪڏهن مڪتي پراپت ڪرڻ جو ڪو ساڌن آهي ته اهو صرف پنهنجي سرت يعني آتما کي شبد سان جوڙڻو آهي، نام سان جوڙڻو آهي. پاڻ سمجهائين ٿا: ”سدا حضور دور نه ڄاڻهو، گرو سبدي هر انتر پڇاڻهو.“ يعني اهو مالڪ ڪٿي جهنگن پهاڙن ۾، مندرن مسجدن ۾ لڪي ڪونه ويٺو آهي. هو اسانکي نزديڪ کان نزديڪ آهي، اسانجي ديهه جي اندر آهي، اسانجي شرير اندر آهي. اسانکي رڳو ستگروءَ وٽ وڃي، شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪري، پنهنجي شرير اندر وڃي، پرماتما کي سڃاڻڻ جي ڪوشش ڪرڻي آهي. گورو امرداس صاحب جن سمجهائين ٿا:

”جن انتر سبد آپ پڇاڻهه، گت مت تنهي پائي.“

جيڪي سچ پنهنجي اندر وڃي شبد سان خيال کي جوڙي پنهنجي پاڻ کي سڃاڻڻ جي يوگيه ٿين ٿا، اهڙن گورمکن کي ئي اصلي عزت پراپت ٿئي ٿي. اسين پاڻ کي ڪڏهن سڃاڻي سگهنداسين؟ جڏهن اسين من ۽ مايا جي دائري کان مٿي وينداسين. پرماتما جي پراپتيءَ کان اڳ آتم گيان يعني پاڻ کي سڃاڻڻ ضروري آهي. جيستائين اسانکي اهو پتو نه لڳي ته اسين ڪير آهيون ۽ ڪٿان آيا آهيون ۽ اسانکي ڪيڏانهن وڃڻو آهي تيستائين اسانکي پرماتما جو پتو ڪيئن لڳي سگهندو، اسين پرماتما کي ڪهڙي طرح ڳولي سگهنداسين؟ انهيءَ ڪري اسانکي اول پاڻ کي سڃاڻڻو آهي ۽ سڃاڻي

اسين ٻڌجي ٿا وڃون، موت وقت اُهيئي شڪليون اسانجي اکين آڏو ڦرڻ شروع ڪن ٿيون ۽ موت وقت جنهن طرف اسانجو خيال هوندو آهي، اسين انهيءَ جي وهڪ ۾ وهي ٿا وڃون. اهو ويچار غلط آهي ته موت جي وقت اسين پرماتما کي ياد ڪنداسين. اسين ڏسون ٿا ته جن شڪلين سان اسين سارو ڏينهن ملون ٿا ۽ وهنوار ٿا ڪريون، انهن جا ئي سپنا اسانکي رات جو اچن ٿا. اهو اسانجي وس ۾ ڪونهي ته رات جو جنهنجو چاهيون اُنجو سپنو لهون. جن سان جاڳرت اوستا ۾ اسانجي من جو ميلاپ ۽ سنبنڌ ٿئي ٿو، اسانکي رات جو انهن جا ئي سپنا اچن ٿا. اهڙي طرح جن شڪلين سان اسين ساري عمر پيار ڪريون ٿا اهيئي شڪليون انت سمي پنهنجو پاڻ اسانجي آڏو آڻينديون. جيڪڏهن اسان زندگيءَ ۾ ڪڏهن پلڪي ڀڪي ۾ پرماتما کي ياد نه ڪيو ته موت جي وقت پرماتما جي ياد نه اچي سگهندي. انلاءِ گورو صاحب جن پيار سان سمجهائين ٿا ته اُن وستوءَ سان پيار پيدا ڪرڻ گهرجي جا ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي، ڪڏهن به فنا نٿي ٿئي. گورو ارجن صاحب جن فرمائين ٿا، "نهچل ايڪ آپ اَبناسي سو نهچل جو تسهِ ڌيائيندا."

اهو پرماتما ڪڏهن جنم مرڻ جي دکن ۾ نٿو اچي. جيڪي سچ ان پرماتما جو ڌيان ڪن ٿا، ان جي ڀڳتي ڪن ٿا، ان سان پيار ڪن ٿا، اهي به نهچل ٿي پون ٿا، انهن جو به جنم مرڻ جي چڪر مان ڇوٽڪارو ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن اسين دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن جي ڀڳتي ۽ پوڄا ڪنداسين ته اسانکي بار بار جنم مرڻ جي دکن ۾ اچڻو پوندو. جيڪڏهن اسين ان مالڪ جي ڀڳتي ڪنداسين جنهن هن ساري سنسار جي رچنا ڪئي آهي ۽ جو جنم مرڻ کان پري آهي، ته اسين به واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ ڪنداسين. سو اها ئي

هنڌ پرگهٽ آهي. هو گُپت ڇو آهي ۽ ڪيئن پرگهٽ ٿي
سگهي ٿو؟ اسانجي ۽ پرماتما جي وچ ۾ هؤمي يعني اهنڪار
جي زبردست رڪاوٽ آهي. گورو صاحب فرمائين ٿا،
'جيون مڪت سو آکيئي جس وچهه هؤمي جاءِ.' يعني جي
اسانجي اندر مان هؤمي نڪري وڃي ته اسين جيئري ئي
مڪتي پراپت ڪري ٿا سگهون. پنجين پاتشاهيءَ جو اُپديش
آهي، "ايڪا سنگت اِڪت گرهه بستي، مل بات نه ڪرتي
ڀائي." ٻئي هڪ ئي جڳهه ٿي رهنتا، ٻنهي جو هڪ ئي گهر
۾ نواس آهي، پر ان هوندي به ٻنهي جو ميلاپ ڪونهي.
آتما به شرير اندر آهي ۽ پرماتما به شرير اندر آهي پر نه
ڪڏهن آتما مالڪ جو درشن ڪيو ۽ نه پاڻ سڃاڻڻ ٻڌي.
گورو صاحب جن ان جو ڪارڻ ٻڌائين ٿا:

'انتر الک نه جائي لکيا وچ پردا هؤمي پائي.'

اهو پرماتما اسانجي اندر آهي پر اسانکي نظر نٿو اچي
ڇاڪاڻ ته اسانجي ۽ پرماتما جي وچ ۾ هؤمي جو تمام
زبردست پردو آهي. جيستائين هؤمي جي بيماري اسانجي
اندر مان دور نه ٿيندي تيستائين چاهي اسين ڪيتري به
ڪوشش ڪٿي ڪريون ته به اسانجي آتما ڪڏهن به نرمل ۽
پوتر نه ٿي سگهندي. اها هؤمي ڇا آهي؟ اهو جو اسين
هر روز سوچيندا رهون ٿا ته هيءُ منهنجي قوم آهي،
منهنجو مذهب آهي، منهنجو ملڪ آهي، منهنجو اولاد
آهي. پر هي جيڪي ڪجهه ڏسڻ ۾ اچي ٿو، سو سڀ ڪجهه
پرماتما جو آهي. اسين پاڻکي پرماتما کان الڳ سمجهي ويٺا
آهيون. جن چيزن کي اسين پنهنجو بنائڻ جي ڪوشش ڪريون
ٿا، سي نه اڄ تائين ڪنهنجون بڻيون آهن ۽ نه بڻجي سگهنديون.
اسين انهن پدارٿن کي پيار ڪري انهن جو روپ بڻجي ويٺا
آهيون. جن جن شڪلين سان ساري عمر موهه ۽ پيار ڪري

وڪارن، شراب ڪباب، دنيا جي ڌنڌن ۽ ٻارن ٻچن جي موه، قومن، مذهبن ۽ ملڪن جي جهڳڙن ۾ نڪري مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف وڃي ٿو. انهيءَ گورو صاحب جن شبد ۽ نام جي مهما ڪندي فرمائين ٿا ته هيءَ ٻاڻي سچکنڊ مان اچيٿي ۽ اسانکي ساڻ وٺي سچکنڊ ۾ ئي سمائجي وڃيٿي. هيءَ ٻاڻي ڏينهن رات اسان سيني جي اندر ڌنڪارون پيئي ڏئي. اسين پنهنجي خيال کي نون دوارن مان ڪڍي، شبد سان جوڙي واپس ان جڳهه تي پهچي سگهون ٿا جتان شبد اچي رهيو آهي. هن ٻاڻيءَ ساري دنيا جي رچنا ڪئي آهي. انهي آڌار تي کنڊ برهمنڊ بيٺا آهن. گورو امرداس صاحب جن فرمائين ٿا، ”ٻاڻي وچي چهون جڳي، سچو سچ سمائي.“ اها ٻاڻي ستجڳ ۾ به هئي، دواپر ۽ ترتيا ۾ به هئي ۽ اها ئي ٻاڻي اڄ به آهي. اها ٻاڻي ڪڏهن به ناس نه ٿيندي، ڪڏهن به فنا ڪانه ٿيندي. گورو صاحبن دوارن لکيل ٻاڻي ان ابناسي ٻاڻيءَ جي مهما ڪري ٿي. هن ٻاڻيءَ کي پڙهڻ سان اُن ٻاڻيءَ سان خيال کي جوڙڻ جي ڀيد ۽ طريقي جو پتو لڳي ٿو، ان کي پراپت ڪرڻ جو شوق پيدا ٿئي ٿو. هيءَ ٻاڻي اسانجو ساٿي ۽ ذريعو آهي، پر اُها ٻاڻي اسانجو مقصد ۽ اُديش آهي، اسانجي منزل آهي. هن ٻاڻيءَ کي رچي لڳ ڀڳ ڇهه سؤ سال ٿيا هوندا پر اُن ٻاڻيءَ ته ساري سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا ته جيستائين اسانجو خيال اُن ٻاڻيءَ سان نه جڙندو، اسين جنم مرڻ جي دکن مان ڪنهن به حالت ۾ ڇوٽڪارو پائي ڪين سگهنداسين. اصلي جيڪو اسانجو گورو آهي، اها ٻاڻي آهي. گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا، ”ٻاڻي گورو، گورو هيءَ ٻاڻي.“ ان ٻاڻيءَ کي چاهي شبد ڪري چئو چاهي نام؛ ان طاقت کي ڪلمو، ٻانگ آسماني، اسم اعظم، لوگاس يا چاهي ڪنهن

هومئي آهي، خودي آهي، اهنڪار آهي جو بار بار اسانکي دنيا جي قيد ۾ ڪيڇي ولي ٿو اچي. گورو صاحب جن فرمائين ٿا ته جڏهن اسين شبد يا نام جي ڪمائي ٿا ڪريون ته اسانجي اندر هومئي ختم ٿي وڃي ٿي، اسانجي رستي مان هومئي جي رڪاوٽ دور ٿي وڃي ٿي. اسانجو من لذت جو عاشق آهي، طرح طرح جي سوادن جو عاشق آهي. هن جي عادت آهي ته ڪنهن نه ڪنهن سان پيار ڪندو ٿي رهي ٿو، ڪنهنجي نه ڪنهنجي موهه ۾ اُلجهيو رهي ٿو. جيستائين هن دنيا جي موهه ۽ پيار کان ڪيس اوچو ۽ پوتر پيار نٿو ملي، هي دنيا جي موهه ۽ پيار کي ڪڏهن به ڇڏڻ لاءِ تيار نٿو ٿئي. ان شبد جو پيار دنيا جي سڀني پيارن کان گهڻو اوچو ۽ پوتر آهي. گورو نانڪ صاحب جن فرمائين ٿا، "هر هر نام امرت رس پينا." ان نام جي اَمرت جو سواد تمام مٺو ۽ پوتر آهي. اُن سواد کي پائي دنيا جا سڀ سواد ڦڪا لڳن ٿا. جڏهن اسانجو من اُن نام روپي امرت کي پيئڻ شروع ڪري ٿو ته سنسار جا سڀ سواد ڦڪا ٿي وڃن ٿا ۽ اسانجي اَندر مان اهنڪار جي رڪاوٽ دور ٿي وڃي ٿي. پوءِ اسانجي ڪهڙي حالت ٿئي ٿي؟ "هر ڪي ڀڳت سدا رنگ رالا." اسين هميشه لاءِ مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ رڱجي ٿا وڃون، اُٿندي ويهندي، هلندي چلندي اسانجو خيال اُن مالڪ جي ڀڳتيءَ ۾ لڳو رهي ٿو. اسانجو خيال ۽ اسانجو پيار يا ته دنيا جي طرف هوندو يا پرماتما جي ڀڳتيءَ ڏانهن هوندو. شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪرڻ سان اسين پرماتما جي ڀڳتيءَ جي رنگ ۾ رڱجي ٿا وڃون.

واهه واهه پوري گور کي باڻي،
پوري گور ٿي اُپجي ساچ سماڻي.

شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ دواران ٿي اسانجو خيال، وشيه

سمجهه ۾ نٿي اچي ۽ ديوي ديوتائون ڪنهن ڏٺا ڪونهن.
جيستائين ڪو اُسان جهڙو ٿي، اسانکي نه سمجهائيندو تيستائين
اسانکي ڪنهن به چيز جو ڪڏهن پتو ئي نه پوندو. انڪري
گورمک سڀڻ سنسار ۾ شبد ۽ نام جو هوڪو ڏيڻ لاءِ انسان جي
چولي ۾ اچنتا.

مان عرض ڪري چڪو آهيان ته سنت مهاتما دنيا ۾ ڪو
نئون مذهب يا نئين قوم بنائڻ لاءِ نٿا اچن. اُهي ته اسين
دنيا جا جيو آهيون جي انهن مهاتمائن جي وڃڻ کانپوءِ سندن
ٻاڻيءَ يا سکيا کي ننڍين ننڍين دائرن ۾ بند ڪري قومن
۽ مذهبن جي شڪل ٿا ڏيون ۽ ساري عمر هڪ ٻئي سان
اُن جهڳڙڻ ۾ ئي گذاري ٿا ڇڏيون. جن مهاتمائن جو آسرو
وٺي اسين قوم ۽ مذهب ٺاهي ويٺا آهيون ۽ اِترو تنگدل
ٺهي ويٺا آهيون، جي انهن مهاتمائن جي ٻاڻيءَ جي کوج
ڪري ڏسندا سين ته اسانکي پتو پوندو ته مهاتما اسانجي
خيال کي قومن، مذهبن جي ڀيد ڀاو کان گهڻو مٿي وٺي وڃڻ
چاهين ٿا. گورو نانڪ صاحب سمجهائين ٿا، ”اڳتي ليکا
منگيئي، لٿيءَ ديهه جات نه جاءِ.“ يعني اڳتي اسانجي ڪرمن
جو حساب ڪتاب ٿئي ٿو، اُتي نه اسانجو شرير ٿو ڏسجي نه
اسانجي ذات پات. هيءُ شرير ته ڪال جو پڃرو آهي،
ڪرائي جو مڪان آهي. اِهو هتي ئي مليو آهي ۽ اسانکي
هتي ئي ڇڏي وڃڻو آهي. اُتي ته اسانکي ڪير اهو به ڪونه
پڇندو ته توهين سک آهيو، هندو آهيو يا عيسائي. اُتي ته
اسانجا ڪرم ڏٺا ويندا. ڀلي شاهه فرمائين ٿا، ”عملان اُتي
هون نبيڙي، ڪٿي رهنگينا ذاتان.“ پرماتما ته صرف اسانجا
اعمال ڏسندو، انهن جاتين ۽ ڌرمن جو سبنڌ صرف اسانجي
شرير سان آهي. هن شرير کي يا ته مٽيءَ ۾ دفن ٿيڻو آهي يا
اگنيءَ جي سپرد ٿيڻو آهي. نه اُن پرماتما جي ڪا قوم

به لفظ ڏواران ياد ڪيو. الڳ الڳ مهاتمائن مختلف لفظن ڏواران ان طاقت جي مهما ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي.

اَسين مهاتمائن سان پيار ڪريون ٿا ڇاڪاڻ ته اُهي اسانجي خيال کي ان شبد ۽ نام سان جوڙين ٿا. اُهي اُن شبد يا نام مان اَچن ٿا ۽ سنسار ۾ اَچي شبد ۽ نام جو هوڪو ڏين ٿا، شبد ۽ نام جو ئي پرچار ڪنتا ۽ واپس وڃي شبد ۾ ئي سمائجن ٿا. اَسين به انهن جي پيار سبب واپس وڃي شبد ۾ سمائجي وينداسين، ڇاڪاڻ ته، "جهان آسا تهان ٻاسا." جيڪڏهن دنيا جي شڪلين سان پيار آهي ته بار بار هتي ئي اچي جنم وٺڻو پوندو. جيڪڏهن ستگوروءَ سان پيار آهي ته ستگورو نام جي ساگر ۾ سمائجن ٿا ۽ اَسين به اُنهن جي پيار ڪري واپس وڃي نام جي ساگر ۾ سمائباسين. انهيءَ لاءِ اَسانجو اَعليٰ گورو اُهو شبد آهي، نام آهي. گورو نانڪ صاحب پيار سان سمجهائين ٿا، "اِڪو امر، اِڪا پاتساهي، جڳ جڳ سرڪار بڻائي هي." اهو پرماتما هڪڙو آهي، سڀني جو بادشاهه آهي. سنت مهاتما ان جي ڏواران موڪليل سرڪاريون آهن جي هر جڳهه ۾ اچنتا، مالڪ جي حڪم سان اَچنتا ۽ سنسار ۾ اچي مالڪ جي حڪم جو پرچار ڪنتا ۽ واپس وڃي ان حڪم ۾ سمائجن ٿا. انهن جو پرماتما سان ڪهڙو تعلق هوندو آهي؟ گورو صاحب سمجهائين ٿا:

"جيون جل ترنگ اُٺهه ٻهه پانتي، ڦر سالي سلل سمائيندا."

جهڙي طرح لهرون سمنڊ مان اُٿن ٿيون ۽ ڪجهه پل کان بعد واپس سمنڊ ۾ ئي سمائجي وڃن ٿيون. اهڙي طرح سنت به پرماتما روپي سمنڊ مان اچي، سنسار ۾ نام جو پرچار ڪري واپس پرماتما ۾ ئي سمائجي وڃنتا. نام ۽ شبد ئي اَسانجو اَعليٰ گورو آهي. پر اَسين اِنسان آهيون انلاءِ اَسانجو اُستاد يا گورو صرف اِنسان ئي ٿي سگهيٿو. ڳالهين ٻنهين جي ٻولي

اسانجي اَندر وسي ٿو، اسانجي اندر براجمان آهي. 'سينا ڪري پرتپالا' اهو اسان سيني جي سنڀال ڪري رهيو آهي، پرورش ڪري رهيو آهي. اسين دنيا جا جيترا سمجهون ٿا ته پنهنجي پرورش اسين پاڻ ڪري رهيا آهيون پر جن مهاتمائن جون اَندريون اکيون کليل آهن، اُهي سمجهائين ٿا ته اسان کان گهڻو ويجهو اِن پرماتما کي اسانجو فڪر آهي.

اهو پرماتما ڪٿي ٻاهر ڪونهي، هو اسانجي شرير اَندر آهي، اسانجي ديهه اَندر آهي. گورو صاحب اُپديش ڏين ٿا، "گهري مَهِ اَندر سڀ وٿ هيِ، ٻاهر ڪڇ ناهين." اسين ٻاهر روحاني دولت کي ڳولڻ لاءِ ڦري رهيا آهيون پر اُها ته اَسانجي اَندر آهي. پاڻ اڳتي فرمائين ٿا، "ٻاهر ڍونڍي سو ڪتا لهيءِ، وست گهري اَندر ماهين." يعني ڀائي! ٻاهر ڇا پيو ڳولهين، اها وستو ته گهر (شرير) اَندر آهي. جيڪڏهن ڪا وستو اَسانجي گهر ۾ وڃائجي وئي آهي ته گهر ۾ اُنکي ڳولبو تڏهن ته اُها لهي سگهبي. شيءِ له گهر جي اندر آهي پر جيڪڏهن اسين انکي ٻاهر سڙڪن، گهٽين ۾ ڳولڻ شروع ڪنداسين، ڀوءِ چاهي ڪيترو ڳوليندا رهون، ته ٻه انکي نهي ڪين سگهنداسين. مهاتما برابر اسانکي ان نقطي تي آڻين ٿا ته مالڪ کي پنهنجي ديهه جي اَندر ڳولڻ جڳائي، هن شرير روپي ٽڪاڻري ۾ اَندر وڃي اسانکي پرماتما جي کوج ڪرڻ گهرجي.

ڪائنا ڪامڻ سدا سهيلي گورمکه نام سمهالا.

هيٺئر پاڻ اُپديش ڏين ٿا ته پرماتما اسان سيني جي اندر آهي. هو چورن نگن جي اندر ٻه آهي ۽ سنتن مهاتمائن جي اندر ٻه. ڪٿڙي ڪايا سندر آهي ۽ ڪنهنجو هن ديهه ۾ اَچڻ جو مقصد پورو ٿيو چڪو آهي؟ جن "گورمکه نام

مذهب يا ملڪ آهي ۽ نڪي اسانجي آتما جي قوم مذهب يا ملڪ آهي. آتما ته اُن سمنڊ جي هڪ ٻوند آهي ۽ واپس وڃي اُن سمنڊ ۾ سمائجي. هڪ مهاتما جو اُپديش آهي، ”جات پات پڇي نه ڪوءِ، هر ڪو ڀڄي سو هر ڪا هوءِ.“ اُتي ڪو به اسانجي ذات پات تي ويچار ڪو نه ڪندو. جنهن باري ۾ اُتي ويچار ڪو نه ٿيندو، اسين اُنجي تابع ٿي ڏينهن رات لڙائي جهڳڙا ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهيون. جا چيز اسانکي مالڪ جي درگاه ۾ وٺي وڃي سگهي ٿي، انکي پراپت ڪرڻ جي ته اسين ڪوشش ئي ڪونه ٿا ڪريون. اسانکي جڳائي ته مهاتمائن جي تجربي جو فائدو وٺون پنهنجي سرت يعني آتما شبد سان جوڙيون، نام سان جوڙيون، انهيءَ لاءِ ته اسانجو جنم مرڻ جي دکن کان هميشه لاءِ ڇوٽڪارو ٿي وڃي.

ڪائئا اندر سڀ ڪڇ وسئي کنڊ منڊل پاتال،
ڪائئا اندر جڳه جيون داتا وسي سڀنا ڪري پرتپال.

گورو صاحبن جيڪو پرسنگ کڻي اُپديش شروع ڪيو هو، ان ڏانهن وري اسانجو ڌيان ڇڪائين ٿا. پاڻ فرمائين ٿا ته هي اسانجو شرير صرف هڏ، چم ۽ ماس جو ڪونهي پر انجي اندر بيشمار وستو ۽ اکنڊ پنڊار پڻ آهن. انهيءَ وشيه تي گورو صاحب فرمائين ٿا، ”اس غفا ۾ اکت پنڊارا، تس وچ وسئي هر الک اپارا. هن شرير ۾ اسنک وستو آهن، رڳو کنڊ منڊل ۽ پاتال نه مگر جنهن پرماتما سرشٽيءَ جي رچنا ڪئي آهي، اهو پرماتما پڻ اسانجي هن شرير اندر آهي. پاڻ فرمائين ٿا، ”ڪايا اندر جڳ جيون داتا وسئي.“ يعني جنهن پرماتما ساري جڳت کي جيون ڏنو آهي، جو اسان سڀني جو داتا آهي، سڀ جو مالڪ آهي، پرتپالڪ آهي، اهو پرماتما

جن فرمائيندا هئا ته اسانجي حالت اُنهيءَ شخص جهڙي آهي جنهنجي گهر ۾ ڪروڙن روپين جي دولت دٻيل آهي پر هنکي انهيءَ دولت جو پتو ناهي ۽ هو سڙڪن ۽ بزارن ۾ ڪوڏيون منگدو ڦري ٿو. جڏهن هنکي ڪو گهر جو ڀيدي ملي وڃي ٿو ۽ ڪيس گهر ۾ وٺي وڃي ٿو ۽ هو پنهنجي گهر ۾ دولت جي کوج ڪرڻ شروع ڪري ٿو ته پوءِ هنکي اُها دولت ملي وڃي ٿي ۽ جنهنکي پائي هو بادشاهه بڻجي پوي ٿو ۽ در در جي ٺوڪرن کان بچي وڃي ٿو.

هي انسان جو جامو پرماتما صرف پنهنجي ڀڳتيءَ جي لاءِ، پنهنجي پيار لاءِ بخشيو آهي. بار بار ته اسانکي هر جنم ۾ ملندا آيا آهن، کاڌو پيتو عيش عشرت اسين هر جنم ۾ ڪندا آيا آهيون. جيڪڏهن ڪا انوکي ڳالهه آهي جا اسان ڪڏهن به اڳي نه ڪري سگهيا آهيون ۽ هينئر ڪري سگهون ٿا ته اها صرف مالڪ جي ڀڳتي آهي، شبد ۽ نام جي ڪمائي آهي. جيڪڏهن ديهه ۾ وڃي شبد ۽ نام جي ڪمائي نه ڪنداسين اَسانجو هن ديهه ۾ اچڻ جو مقصد ڪڏهن به پورو نه ٿي سگهندو. سو گورو صاحب جن بار بار اسانجي خيال کي ان نقطي تي آڻين ٿا ته گورمکن جي شرن ۾ وڃي پاڻ کي نام جي ابياس ۾ لڳائڻ گهرجي.

ڪائنا اندر آپي بسيءَ الکه نه لکيا جائي

هن شبد ۾ گورو صاحبن جو زياده زور ان ڳالهه تي آهي ته اسانکي جيڪي ڪجهه ملندو پنهنجي اندر ۾ ئي ملندو، جڏهن به اسين پرماتما سان ملنداسين، پنهنجي شرير جي اندر ئي ملنداسين. انڪري گورو صاحب جن بار بار ان ڳالهه تي زور ڏين ٿا. اهو پرماتما اندر آهي، اسين دنيا جا جيو ٻاهران اکين دوارا هنکي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا،

سمها لا." جيڪي نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳي ويندا، جيڪي
پرماتما کي پنهنجي اندر ڳولهي لهن ٿا، جيڪي پرماتما سان
ميلاپ ڪن ٿا. انهنجو ئي هن دنيا ۾ اچڻ جو مقصد پورو
ٿي ويندو. پرماتما ته انسان سڀني جي اندر آهي پر اسانکي
تيستائين ڪو فائدو نٿو پهچي، جيستائين اندر وڃي هن جي
چرنن تائين نٿا پهچون. گورو رامداس صاحب جن فرمائين
ٿا، "ڪاسٽ منهه جيون هئي بئسنتر، مت سنجم ڪاڍ
ڪڍيجي." يعني ڪاٺيءَ ۾ ته باهه موجود آهي پر جيستائين
انهيءَ کي پيدا نٿو ڪجي تيستائين اُن مان ڪو فائدو وٺي
نٿو سگهجي. جڏهن جڳتيءَ سان ڪاٺيءَ مٿان ڪاٺي گهڻ
شروع ڪنداسين ته انهيءَ مان آگ پيدا ٿيندي ۽ پوءِ اسين
انهيءَ کي ڏسي به سگهنداسين. اهڙي طرح "رام نام هڇ
جوت سبائي." يعني رام نام روپي جوت اسان سڀني جي
اندر رات ڏينهن ٻري رهي آهي پر اسين اندر وڃي انهيءَ
جوت جي درشن ڪرڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون. اسين
ٻاهر مکي تي ٻاهريون جوتيون ٻاري انهنکي ئي مٿا ٽيڪي
رهيا آهيون. گورو صاحب فرمائين ٿا ته جيستائين اسين من
جي مت ڇڏي گورمکن جي مت تي هلي پنهنجي خيال کي
نون دوارن مان سميٽي تيسري تل ۾ ڪٺو ڪري انهيءَ
جوت جو درشن نه ڪنداسين تيستائين مکتي پراپت ڪيئن
ڪري سگهنداسين؟ سو پيار سان سمجهائين ٿا ته اهو نام ضرور
اسانجي اندر آهي پر جيستائين اسين انهيءَ نام روپ دولت
کي حاصل نٿا ڪريون تيستائين اسانکي انهيءَ نام جو ڪو به
فائدو نٿو پهچي. انهن جو ئي هن دنيا ۾ اچڻ مبارڪ آهي
جيڪي ستگوروءَ وٽ وڃي انهيءَ دولت کي پنهنجو بڻائين
ٿا ۽ انکي پائي بادشاهه بڻجي وڃن ٿا يعني در در ٺوڪرون
کائڻ کان ۽ جنم مرڻ جي چڪر کان بچي ويندا. حضور مهاراج

ويلو آهي ته ڪو چاڪرڻ ۾، ڪو تيرٿن ۽ مندرن ۾ اُلجهيو پيو آهي. اَسين سمجهون ٿا ته شايد تيرٿن تي وڃڻ سان، اُتي اِشنان ڪرڻ سان مُڪتي ٿي ويندي. مُڪتيءَ کي اسين اهڙو سستو سمجهي ويٺا آهيون. سنتن جي جيڪا اَعليٰ سکيا ۽ اُپديش آهي ته پنهنجي آتما کي شبد سان جوڙيو، نام جي ڪمائي ڪريو. ان اُپديش تي، اُنهن جي ٻڌايل مارگ تي هلڻ جي ڪڏهن به ڪوشش اِي نٿا ڪريون. گورو صاحب فرمائين ٿا، ”بن ناميَ هور پوج نه هووي، ڀرم ڀُلي لوڪائي.“ پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪٿي ڪهڙا به اُپاءَ ڪريو پر جيستائين شبد ۽ نام جي ڪمائي نه ڪندا مالڪ جي ڀڳتي ڪڏهن به نه ڪري سگهندا، مالڪ سان ڪڏهن به اسانجو ميلاپ اِي نه ٿي سگهندو. گورو صاحب فرمائين ٿا، ”نام بسار چلهه ان مارگ، اَنت ڪال پڇتائي هي،“ يعني نام جي ابياس ڪرڻ جو ساڌن ڇڏي، جنهن به مارگ تي هلڻ جي ڪوشش ڪنداسين، آخر موت جي وقت پڇتائڻو پوندو ته اجايو پنهنجي قيمتي وقت کي برباد ڪري ڇڏيوسين. جيڪي ڪجهه ملندو، شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ دواران اِي ملندو. سوامي جي مهاراج جن فرمائين ٿا-

”بن شبد اُپاءُ نه دوُجا، ڪايا ڪا ڇُٽي نه ڪوُجا.“

شبد جي ڪمائيءَ کانسواءِ ٻيو ڪو به ساڌن ڪونهي جنهن تي هلي اَسين هن ديهه جي قيد مان ڇوٽڪارو پائي سگهون. ان جو اَرٿ اهو ڪونهي ته جپ تپ، پوڄا پاٺ، دان پنُ وغيره جو ڪو ڦل اِي ڪونهي. ڦل ضرور ملي ٿو. ڪهڙو ڦل ٿو ملي؟ سيٺ ساهوڪار بڻجي اَچون ٿا، راجا مهاراجا بڻجي اَچون ٿا، قومن، مذهبن، ملڪن جي حڪومت حاصل ڪري اَچون ٿا. اُنهن نيڪ ڪرمن جو ڦل ڀوڳڻ لاءِ ورِي هتي اِي اَچي جنم وٺڻو پوي ٿو ۽ ان ڪري قيديءَ

اسين ٻاهر مکي ٿـي ويٺا آهيون، ڪرم ڪانڊ ۾ ڦاسي پيا آهيون. ان ڪري ڪڏهن ته اسين جهنگن، پهاڙن ۾ وڃي ڳوليون ٿا، ڪڏهن مندرن، مسجدن، گوردوارن ۾ ۽ ڪڏهن انکي گرنٿن، پوٿين، ويدن شاسترن ۾ ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. پرماتما اسانکي هنن اکين دوارا ڪڏهن به نظر نه ايندو. جيڪا اکه ان پرماتما کي ڏسي سگهي ٿي اها اسانجي اندر آهي. جڏهن اسين ديهه جي اندر ئي ان پرماتما کي پرگهٽ ڪريون ٿا تڏهن ٻاهر به جيڏانهن نهاريون ٿا، اسانکي پرماتما ئي پرماتما نظر اچي ٿو. جسماني اکه هنکي نه ڏسي سگهندي. اسانکي دنيا جون چيزون ڏسڻ ۾ اچن ٿيون پر انهن ۾ اسانکي پرماتما نظر نٿو اچي؛ پرماتما ته ذري ذري ۾ پن پن ۾ وياپڪ آهي. پر جيستائين اسانجي اندر جي اکه نٿي کلي، جيستائين اسين پرماتما کي پرگهٽ نٿا ڪريون، اسين هنکي ٻاهر ڪڏهن به ڏسي نه ٿا سگهون. انڪري گورو صاحب فرمائين ٿا ته اسانکي پنهنجي شرير ۽ ديهه جي اندر پرماتما کي ڏسڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي.

منهنجو مگڌ بوجهي ناهين، ٻاهر ڀالڻ جائي.

هاڻي سمجهائين ٿا ته اسين دنيا جا جيو من جي پويان لڳي ٻاهر مکي ٿي ويٺا آهيون، اسين مگڌ آهيون، مورک آهيون. اسانکي ڪجهه نظر نٿو اچي، هڪ ته اسين خود انڌا آهيون، ٻيو انڌيري ۾ ڦاسي پيا آهيون ۽ سر تي پاپن جو بوجهه رکيل آهي ۽ اهيئي نوڪرون رات ڏينهن ڪائي رهيا آهيون. دراصل اسين پرماتما جي ڀڳتي ڪريون ئي ڪو نه ٿا. جيڪڏهن ڀلي ڀلائي پرماتما جي ڀڳتي ۽ طرف ڪٿي خيال وڃي به ٿو ته جتي اهو پرماتما آهي، اتي انکي ڳولڻ جي ڪوشش ڪو نه ٿا ڪريون، ٻاهرين پدارٿن ۾ هنکي ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، ڪو ته سماڌين ۾ انکيو

گهرائي تي ونئي، نه اهو ٿي اسان لاءِ ڪيتري نه دک جو ڪارڻ بڻجي ٿو پوي! اهڙي طرح جڏهن ڌن دولت اچي ٿي، ڪهڙي نه سٺي لڳي ٿي! پر اها نه وڻ جي ڇانو مثل آهي، ڪڏهن هتي نه ڪڏهن هتي. جڏهن ڌن دولت وڃي ٿي، ڇڱي طرح دک ڏيئي وڃي ٿي، ڊاڪٽرن جي فين ۾ هلي وڃي ٿي، مقدمن جي خرچن ۾ نڪري وڃي ٿي. اسين سوچيون ٿا ته شايد قومن، مذهبن، ملڪن جي حڪومت ۾ سک هوندو. اسين دنيا جي مان وڏائيءَ ۾ سک ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا، اتهاس پڙهي ڏسون ٿا ته پتو پوي ٿو ته جيڪي دنيا جا لوڪ اڄ اسانکي سر تي کڻي جلوس ڪڍن ٿا، اُهي ئي ٻئي ڏينهن اسانکي کڻي جيلخاني ۾ وجهن ٿا. دنيا جي پدارٿن ۾ نه اڄ تائين ڪنهنکي سک مليو آهي ۽ نه ملي سگهي ٿو. هي جيڪي ٿورا سک نظر اچن ٿا، اُهي به ڪجهه سمي بعد دکن ۾ تبديل ٿي وڃن ٿا. هي دنيا جا پدارٿ عارضي آهن، فنا ۽ ناسونت آهن. انهيءَ ڪري انهن مان ملندڙ سک به فنا ۽ ناسونت آهن. جيستائين اسانکي اها وستو نٿي ملي جا ڪڏهن به ناس نٿي ٿئي، فنا نٿي ٿئي ۽ جيستائين اسانجو من اُن سان پيار نٿو ڪري تيستائين سک ۽ شانتي ڪيئن ملندي! گورو نانڪ صاحب فرمائين ٿا، "جني گهر جاتا آپڻا، سي سکئي ٿائي،" يعني جيڪي سڄڻ واپس پنهنجي گهر پهچي وڃن ٿا، سي هميشه لاءِ سک ۽ شانتي پراپت ڪن ٿا. اسانجو گهر سچکنڊ آهي جتي اسانجو پتي پرماتما نواس ٿو ڪري، جيڪڏهن آتما سهاڳڻ بڻجي سگهي ٿي، ڀڪت ٿي سگهي ٿي نه صرف تڏهن جڏهن واپس وڃي پنهنجي آد ۾؛ پنهنجي اصل ۾ سمائجي ۽ انڪري اسانکي گورمکن جي ٻڌايل مارگ تي هلڻ جي ڪوشش ڪرڻي پوندي. انجو ڪهڙو لاڀ ٿيندو؟ "ستگورو الک دتا

جا قيدي ٻڌا رهون ٿا. جيستائين ديهه جي قيد مان ڇوٽڪارو نٿو ٿئي، ديهه جي پڃري مان ڇوٽڪارو نٿا حاصل ڪريون، تيستائين قيدي ٻڌڻ کان ڪيئن ٿا بچي سگهون! جيڪڏهن چڱا ڪرم ٿا ڪريون ته انهن جو نتيجو ڀوڳڻ لاءِ واپس ديهه جي قيد ۾ اچڻو پوي ٿو. ڪنهنکي ’اي‘ ڪلاس ٿو ملي، ته ڪنهنکي ’سي‘ ڪلاس. جيستائين جيلخاني جو دروازو بند آهي، اسين قيدي ٿي ٻڌا ويٺا آهيون. گورو صاحب پيار سان سمجهائين ٿا ته اسين سڀ دنيا جا جيو من جي مت تي لڳي، من جي آڌر تي ٻاهر مکي تي پيا آهيون. اسان کي پنهنجي خيال کي ٻاهران سميٽي، پنهنجي اندر ڪني ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ کپي. پر اول ته اسين مالڪ جي ڀڳتي ٿي نٿا ڪريون ها جي ڀڳتيءَ جو ٿورو گهڻو شوق به پيدا ٿئي ٿو ته ٻاهرين پدارٿن جي چاهه ۾ اٽڪي ٿا پئون.

ستگور سيوي سدا سک پائي،
ستگور الکم دتا لکائي.

هينئر پاڻ اُپديش ڏين ٿا ته جيڪڏهن اسين من جي مت ڇڏي، گورمکن جي اُپديش تي هلنداسين، انهنجي آگيا انوسار پنهنجي خيال کي نون دوارن مان ڪڍي شبد ۽ نام سان جوڙي ڇڏينداسين ته هميشه سک پائينداسين. اصلي سک ڪڏهن ٿو ملي؟ جڏهن اسانجي آتما واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ ٿي ڪري. دنيا جي پدارٿن ۾ نه ڪڏهن ڪنهنکي سک مليو آهي، نه ڪڏهن ملي سگهي ٿو. پر اسين دنيا جا جيو هميشه، ٻاهرين شڪلين ۽ وستن ۾ ئي سک ڳولڻ جي ڪوشش ڪريون ٿا. جڏهن اسانجو خيال اولاد جي طرف وڃي ٿو، اولاد ملڻ تي اسين ڪيڏيون خوشيون ملهايون ٿا؛ پر جي مالڪ جي موج، هو جڏهن انکي واپس

جيڪي لوڪ اُن نام روپي دولت کي سڃاڻ کان ٻاهر ڳولڻ جي ڪوشش ڪن ٿا، اهي ته بيگارين وانگر پنهنجو وقت برباد ڪري رهيا آهن. بيگاري ڪير هوندو آهي؟ اهو منش جو سڄو ڏينهن ڪم ڪري ٿو، خوب جفاڪشي ڪري ٿو، محنت ڪري ٿو، خون پسينو هڪ ڪري ٿو ڇڏي، پر شام جو خالي هٿين واپس اچي ٿو. اسين دنيا جا جيوان روحاني دولت کي پراپت ڪرڻ لاءِ ڪيتريون مصيبتون سهون ٿا، پر اسين به بيگارين وانگر پنهنجو سمو برباد ڪري رهيا آهيون، ڇاڪاڻ ته ان وستوءَ کي پرماتما اسان جي سرير ۽ ديهه اندر رکيو آهي پر اسين شرير جي اندر وڃڻ جي ڪوشش نٿا ڪريون، پوءِ اسين ان دولت کي پائي ڪيئن سگهنداسين!

اهو شبد ۽ نام ڪڏهن ٿو ملي؟ جڏهين اسين پنهنجي خيال کي نون دوارن مان سميٽي، ٽيسري تل ۾ ڪٺو ٿا ڪريون. جيستائين اسين پنهنجي خيال کي ان مرڪز تي ڪٺو نٿا ڪريون، جتي داتا دان ڏئي رهيو آهي، بخشيش ڪري رهيو آهي، جتي اهو امرت وسي رهيو آهي، تيستائين اسين ان دولت کي پائي نه سگهنداسين؛ ان امرت کي ڪڏهن پي نه سگهنداسين. حضور مهاراج جن فرمائيندا هئا ته چاهي ڪيتري به ڪٿي زبردست بارش ٿيو ڪين پوي پر جيڪڏهن برتڻ اونڌو آهي ته ان جي اندر بارش جو قطرو به وڃي نه سگهندو. جيڪڏهن برتڻ کي سڌو ڪري رکنداسين ته ڀلي بارش ۾ نه ته پيءَ ٿا ٿيندي بارش به ضرور ڀرجي ويندو. اسانجو رخ دنيا جي شڪلين ۽ پدارٿن طرف آهي. جڏهن اسين پنهنجي خيال کي ايڪاگر ڪري ٻنهي اکين جي پويان ڪٺو ڪنداسين تڏهن وڃي اسانجو هردو نام روپي امرت سان ڀرجي سگهندو، اسين دنيا جا جيو ته

لڪائي،" جو پرماتما اسانکي اکين سان ڏسڻ ۾ نٿي آيو، گورمکن جي اُپديش انوسار شبد جو اڀياس ڪرڻ سان اهو پرماتما اسانکي ذرڙي ذرڙي، پن پن، ۾ ڏسڻ ۾ ايندو.

ڪائئا اندر رتن پدارٿ ڀڳت ڀري ڀنڊارا،
اِس ڪائئا اندر نوکنڊ پرٿمي هاٽ پٽڻ باجارا.

گورو صاحب سمجهائين ٿا ته اسانجي ديهه اندر اپار روحاني دولت آهي، ڀڳتيءَ جا ڀنڊار ڀريا پيا آهن. جيڪي ڪجهه اسانکي ملندو، پنهنجي سرير اندر ئي ملندو. اسانجي سرير اَندر اَنيڪ کنڊن ۽ منڊلن جي رچنا آهي. توهين سوچيندا ته جڏهن ڊاڪٽر پوسٽ مارٽم (چير ڦاڙ) ڪري ٿو ته انکي ته اسانجي ديهه ۾ اها سڀ رچنا ڪڏهن به ڪونه ٿي نظر اچي. جيڪڏهن توهين ريڊئي کي ڀڃي ڏسندا ته ان جي اندر ڪڏهن ڪو ڳالهائڻ وارو ڪونه ٿو نڪري پر آواز ته اُن اندران ئي اچي ٿو. اهڙي طرح سڀ ڪجھ اسان جي ديهه ۽ شرير اندر آهي، جيستائين اسين اَندر وڃي پنهنجي خيال کي اُن مرڪز تي ڪونه ٽڪايون، اسانکي نه اَندر ڪجھ ڏسڻ ۾ اچي ٿو ۽ نڪي اسين اندر ڪنهن چيز کي ڏسي سگهون ٿا.

اِس ڪائئا اندر نام نونڌ،
پائيئي گورکي سبد ويچارا.

گورو صاحب سڀ ڪجھ بيان ڪري وري شبد ۽ نام جي طرف اچن ٿا. اهو شبد ۽ نام اَسانکي پنهنجي ديهه اَندر ئي ملندو. اِها نام روپي دولت ٻاهر نه ڪنهنکي ملي آهي ۽ نه ڪڏهن ملي سگهي ٿي. گورو صاحب فرمائين ٿا،
"سرير هو پالڻ کو ٻاهر جائي، نام نه لهي ۽ بهت وهگار دکھ پائي."

جو اسانجي رستي ۾ رڪاوٽ وجهي ويٺو آهي، اهو ٻه
ڪٿي ٻاهر ڪونهي، اسانجي شرير ۾ اسانجي ديهه اندر ئي
آهي. اسانجي آتما ۽ پرماتما جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ
آهي ته اها اسانجي من جي رڪاوٽ آهي. اهو اسانجو من
ئي آهي جو اندرين جي پوڄا ۾ ڦاسي پوي ٿو، وشين
وڪارن ۾، شراب ڪباب ۾ الجهي وڃي ٿو ۽ انهن جهنن ۾
ڦاسي اهو من اسانکي هميشه اسانجي آدرش ۽ پنهنجي منزل
کان دور رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو، اهو من ئي آهي
جنهنجي آڌار تي پاڻ پاڻ جو دشمن آهي، قوم قوم جي
دشمن آهي. مذهب مذهب جو دشمن آهي. ڪهڙي طرح
اسين هڪ ٻئي جي گلي ڪٽڻ جون رٿون پيا رٿيون! اسانکان
اهو سڀ ڪير ٿو ڪرائي؟ اسانجو من ٿو ڪرائي. جيستائين
اسانجي رستي مان من جي رڪاوٽ دور نٿي ٿئي ليستائين
ڪير به ڪٿي ڪيترا به اپاءَ ڪري، آتما ڪڏهن به نرمل ۽
پوتر ٿي نه سگهندي. حضور مهاراج جن تمام سندر مثال
ڏئي سمجهائيندا هئا ته پراڻن ڪنڊهرن هيٺان ڪيئين دفعا
خزانو به ليجندو آهي ۽ جتي اهڙو خزانو هوندو آهي اتي
نانگ به رهي ان جي حفاظت ڪندو آهي. جڏهن اسين ان
خزاني کي پراپت ڪرڻ لاءِ وڃون ٿا ته نانگ اسانجي
سامهون ڦڻ ڦهلائي ڪڙو ٿي بيهي ٿو. جيستائين اهو نانگ
نٿو پڪڙجي، اسين ان خزاني کي پراپت نٿا ڪري سگهون.
اهڙي طرح اهو پرماتما اسان سيني جي اندر ويٺو آهي پر
اسانجو من روپي نانگ ان جي چوڪيداري ڪري رهيو
آهي. جڏهن اسانجو خيال پرماتما جي پڄڻ طرف اندر
وڃي ٿو ته هيءُ من اسانکي ڪيئن ٿو ڀرمائي؟ ڪڏهن ته
اسانکي ڪام ۾ ڦاسائي ٿو ڇڏي، ڪڏهن ڪروڌ ۾ ڦاسائي
ٿو ڇڏي ڪڏهن اهنڪار ۾. مطلب ته هيءُ اسانکي پنهنجي

ٻاهر جي پدارٿن کي امرت ٻڌائي وٺنا آهيون؛ پر جنهن
امرت کي پيئڻ سان مُڪتي ٿيندي اهو امرت ٻاهر ڪٿي
ٻه نه ملندو. جيڪڏهن ٻاهر جي وستن کي امرت مڃي، انهن
جي پيئڻ سان مُڪتي ملندي هجي ته انڪان وڌيڪ سستو
سودو ڪهڙو ٿي سگهي ٿو! پر اسانجو خيال انهن دنيا جي
پرمن ۾ ڦاٿو پيو آهي. اهو امرت ڏينهن رات اسانجي اَندر
اکين جي پوپٽن وسي رهيو آهي؛ اهو امرت جو سرووَر
جنهن ۾ وڃي اشنان ڪرڻ سان اسانجا پاپ ڌوپجن ٿا، جتي
وڃي ڪانءُ اشنان ڪري هنس بڻجن ٿا، جتي وڃي اسين
پُڻ هنس وئراڳي بڻجي سگهون ٿا، انهيءَ امرت جو سرووَر
پرماتما اسان سيني جي اندر رکيو آهي. جيڪڏهن اُهو امرت
جو سرووَر سنسار جي ڪنهن حصي ۾ آهي ته انجو اهو
مطلب ٿيو ته پرماتما سنسار جي باقي جيون سان، جي ڪڏهن
ٻه ان سرووَر ۾ وڃي اشنان نٿا ڪري سگهن، وڏي
بي انصافي ڪئي آهي. اسانجو ائين سوچڻ غلط آهي. مهاتمائن
ته اندر جي استانن جا نالا ٻاهر جن استانن کي ڏنا آهن. اها
گوروائي، اهو امرت جو سرووَر اسان سيني جي اندر آهي
جتي وڃي اشنان ڪرڻ سان اسانجا پاپ لهندا. سو پاڻ پيار
سان سمجهائين ٿا ته آتما جنم مرڻ جي چڪر مان صرف تڏهن
مُڪت ٿي، ۽ ٿي سگهندي، جڏهن ان اندرئين سرووَر
۾ اشنان ڪندي. ان لاءِ جيستائين اسين پنهنجي آتما کي ان
استان ٿي نه پهچائينداسين، اسين ان اَمرت جي سرووَر جو
فائدو ڪين وٺي سگهنداسين.

ڪائيا اندر ڏول ڏولاوي آپي ڏولڻ هارا،
اِهُ من رتن جواهر ماڻڪ تسڪا مول افارا.

هينئر گورو صاحب اسانجي من طرف اَچن ٿا. هيءُ من،

اندر آهي، پر اُهو هميشه اسانکي ٻاهر مکي ڀٽائي رکيٿو، ٻاهر ڀٽڪائيندو وتي ٿو.

مول ڪنهي نام پائيڻي ناهي،
نام پائيڻي گور بيچارا.

هاڻي گورو صاحب وري نام جي مهما ڪندا. جڏهن نام جو پاڻ ذڪر ڪندا، ان نام روپي دولت کي دنيا جي ڪنهن به ڌن سان خريد نٿو ڪري سگهجي، دنيا جا هيرا جواهرات اُن جي برابري ڪري نٿا سگهن. سنسار جي پدارٿن دواران اُن نام جي قيمت ڪٿي نٿي سگهجي. عام طور، سنتن مهاتمائن نام کي هيرا جواهرات چئي ورڻن ڪيو آهي، پر هيرا جواهرات نه مٽي آهن. لڳهن هوندي به مهاتمائن کي سنسار جي سڀ کان قيمتي وستوءَ جو مثال ڏيڻي اسانکي سمجهائڻو آهي، انڪري انکي هيرا جواهر چئي سمجهائين ٿا. پر دنيا جي ڪا به دولت اُن نام روپي دولت جي قيمت ادا نٿي ڪري سگهي. اُهو نام ڪڏهن ملي ٿو؟ پاڻ فرمائين ٿا، ”نام پائيڻي گورو بيچارا“ يعني جڏهن من جي سنگت ڇڏيندا سين، گورمکن جي سنگت ڪنداسين تڏهن وڃي اها دولت ملندي. اسانجو من سنگت جو اثر تمام جلدي کڻي ٿو. جيڪڏهن ٻين سان گڏ وهنداسين، ڪامي ڪروڌين وٽ وهنداسين ته اهڙائي خيال اسانجي من ۾ پيدا ٿيندا، من ۾ پرم ۽ سنڪلپ پيدا ٿي پوندا. جيڪڏهن گورمکن جي صحبت ڪنداسين، ڇاڪاڻ ته هو مالڪ جي ڀڳتيءَ ۽ نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳل آهن، انهن کي ڏسي اسانجي من ۾ به نام جي ڪمائي ڪرڻ جو شوق پيدا ٿيندو. حضور جن فرمائيندا هئا ته سٽسنگ پڇن جي واڙ آهي. جهڙي طرح اسين کيت ۾ ٻج وجهڻ کانپوءِ انجي ڪيتري چوڪيداري

روحاني دولت کان محروم رکڻ جي ڪوشش ڪري ٿو.
نانگ، پڪڙڻ لاءِ اسين ڪھڙو اُپاءُ ڪندا آهيون؟ اسين
جوڳيءَ کي ڪوٺيندا آهيون، هو بين وڄائيندو آهي ۽ نانگ
بين جي آواز تي مست ٿي پڪڙجي پوندو آهي ۽ پوءِ اسين
دبيل خزانو پراپت ڪندا آهيون. اهڙي طرح من روپي نانگ
کي پڪڙڻ لاءِ، هن جي ڪام ڪروڌ روپي زهري ڏنگن کي
ڪيڻ لاءِ اسانکي سنتن وٽ وڃڻو پوي ٿو. اُهي اسانجي
خيال کي شبد ۽ نام سان جوڙي ٿا ڇڏين، جنهنجو سواد امرت
متو ۽ پوتر آهي جو اهو پائي من مان گندهيون گنديون
واسنائون ۽ اپوتر ڪامنائون نڪري ٿيون وڃن، ڪام، ڪروڌ،
لوڀ، موھ، اهنڪار نڪري ٿا وڃن ۽ انهن جي استان تي
شيل، ڪميا، سنتوش وغيره اچي وڃن ٿا. تڏهن اسانجو من
هاڃي رهت ۽ نردوش ٿي پوي ٿو، اسانجو دوست بڻجي
پوي ٿو ۽ اسانکي پاڻ سان گڏ وٺي واپس پنهنجي استان
(نرهبر) ۾ پهچي وڃي ٿو. گورو نانڪ صاحب تمام سندر
مثال ڏين ٿا ته اسانجو من لوھ آهي. نام جو پرماتما اسانجي
اندر رکيو آهي، اهو پارس آهي، لوھ پارس کي ڇهي سون
بڻجي پوي ٿو پر هيءُ من روپي لوھ اُن نام روپي پارس
کي ڪڏهن ٿو ڇهي؟ جڏهن اسان تي گورمکن جي دِيا ٿئي
ٿي. جيستائين اسان جو من اسان کي وشيه وڪارن، شراب
ڪباب ۽ دنيا جي ڌندن ۾ رکيو ويٺو آهي، اُن کان وڏو
اسانجو ڪوبه دشمن ٿي نٿو سگهي. جڏهن گورمکن جي سنگت
۾ اچي، شبد ۽ نام جو ابياس ڪري هيءُ اسانکي پنهنجي
گهر طرف وٺي هلڻ شروع ڪري ٿو تڏهن هن کان وڏو
ڪو به اسانجو دوست ٿي نٿو سگهي. اسانکي ستگوروءَ جي
سنگت ۾ اچي اُن دشمن کي دوست جي روپ ۾ بدلائڻو
آهي. سو گورو صاحب سمجهائين ٿا ته من اسان سيني جي

رهندي به ديهه سان پيار نٿا ڪن، جيڪي پنهنجي ديهه
جي اندر نام روپي امرت کي پيئن ٿا. گورمک سچ ۾ ديهه
ڌاري هوندي به دنيا جي ميل کان رهت آهن، هو نه مالڪ
جي ڀڳتيءَ ۽ مالڪ جي پيار ۾ ليِن رهن ٿا. هي جيڪي به
ڪجهه ڏسڻ ۾ اچيٿو تنهن جي رچنا اُن پرماتما ڪئي آهي.
گورمک ان رچنا ۾ رهندي رچنا ڪرڻ واري جي ڀڳتيءَ
۾ لڳا پيا آهن. جيڪي منمک آهن سي رچنا ڪرڻ واري
کي ڀلائي ويٺا آهن ۽ رچنا سان پيار ڪري ويٺا آهن. پر
ٻئي ان پرماتما جا ٻالڪ آهن. گورو صاحب گورمکن
جي مهما ڪندا. "گورمک هووي جو ڪايا کوجي" يعني
گورمک ديهه سان پيار ڪونه ٿا ڪن، ديهه جي اندر جو شبد
وڄي رهيو آهي، اُهي انجي ٻڌڻ ۾ لڳا پيا آهن، ان سان
پنهنجي خيال کي جوڙڻ ۾ لڳا پيا آهن، باقي جيڪي منمک
آهن اهي، "سب ڀرمي ڀلائي،" اهي شبد کان وڇڙيل آهن،
ٻاهر ڀرمڻ ۾ ڦاٿا پيا آهن ۽ ڏينهن رات ٻاهر ڀاڄي پئي ڪي
رهيا آهن. گورو صاحبن جي چوڻ جو اهوئي مطلب آهي ته
گورمکن جو خيال پنهنجي اندر شبد سان جڙيل رهندو آهي.
گورمکن جي مهما ڪندي گورو صاحب جن هڪ ٻئي هنڌ
فرمائين ٿا، "گورمک آپ پڇاڻي سنتهه رام نام لو لائي."
گورمک رام نام سان پيار ڪري پنهنجي پاڻ کي ڄاڻڻ هوگيه
ٻاڄي ويندا، يعني انهنجو خيال من ۽ مايا جي دائري کان
مٿي هليو ويندو، انهنجي آتما من جي پنجي کان ڇوٽڪارو
پراپت ڪري ٿي. انهنجو من به نرمل ۽ پوتر ٿي ويندو ۽
واپس پنهنجي مول استان ٻرهم ۾ پهچي ٿو وڃي. انهنجي
آتما به هميشه لاءِ واپس پنهنجي نج ڌام ۾ وڃي پهچي ٿي.
گورو صاحب فرمائين ٿا، "گورمک گاوي آپ گنواوي، در
سچي سو پاوٽنا." يعني اهي گورمک سچ ۾ شبد ۽ نام جي

ڪندا آهيون، انهي سلامتيءَ جو بندوبست رکندا آهيون ته اسانجي کيتي کي ڪو نقصان نه رسائي. اهڙي طرح جيڪي سڄڻ مالڪ جي ڀڳتي ۽ نام جي ڪمائي ڪن ٿا اهي هميشه پاڻ کي سنتن مهاتمائن جي سنگت ۾ رکن ٿا. اهي پاڻکي دنيادارن جي سنگت کان بچائين ٿا ته متان دنيا جي طرف وڃي ڪٿي سندن من ۾ مان وڏائي نه اچي وڃي ۽ جيڪي ڪجهه هيڏي محنت سان پراپت ڪيو اٿن تنهنکي هنجي سنگت ۾ ڪٿي وڃائي نه وهن. سو گورو صاحب سمجهائين ٿا ته جڏهن من جي اندران سڪلپ، شڪ شڪرڪ ۽ ڀرم نڪرن ٿا تڏهن ڪو وڃي هو نام جي ڪمائي طرف لڳيتو. سنتن مهاتمائن جو ستسنگ، انهيءَ لاءِ ڪم آهي ته من ستو ٿي مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف لڳو رهي. جيڪڏهن اسين من کي ڍلو ڇڏي ڏينداسين ته هو اسانکي انهن ئي وشيه وڪارن ۽ شراب ڪباب جي طرف وٺي هلندو. انهيءَ ڪري مهاتمائن اسانکي سمجهائڻ لاءِ ايڏا وڏا گرنٿ لکيا آهن، اٺرن ويدن شاسترن جي رچنا ڪئي آهي ته صبوح جو پڙهنداسين، ٻپهرن جو پڙهنداسين، شام جو پڙهنداسين، ڪنهن سمي ته من کي ٺوڪر لڳندي، من کي دنيا جي اصليت جو پتو لڳندو ۽ اسانجي اندر مالڪ سان ملڻ جو شوق ۽ پيار پيدا ٿيندو. سو گورو صاحب سمجهائين ٿا ته اسانجو من هميشه سنگت جو اثر کڻندو آهي. جيڪڏهن اسين گورمکن جي سنگت ڪنداسين ته اسانجو خيال شبد ۽ نام جي طرف يعني ابياس جي طرف لڳندو.

گورمکه هووئي سو ڪايا کوجئي هور سڀ ڀرم ڀلائي

دنيا ۾ ٻن قسمن جا انسان آهن، هڪڙا گورمک سڄڻ آهن ۽ ٻيا منمک آهن، هڪڙا مومن آهن، ٻيا ڪافر آهن. گورمک سڄڻ ڪير آهن؟ گورمک اهي آهن جي دنيا ۾

هتي ئي هلندو رهندو. جيستائين اسان کي پرماتما جي دَيا
مهر ۽ بخشش نٿي ٿئي، تيستائين ڪڏهن به اسانجو خيال
مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف نٿو وڃي، اسانجي مَن ۾ شراب
ڪباب، وشيه وڪارن، دنيا جي ڌن لاءِ ڪڏهن به
نفرت پيدا نٿي ٿئي. جڏهن اهو مالڪ چاهيندو، جڏهن
هنکي منظور ٿيندو تڏهن اسين هنجي ڀڳتي ڪري سگهنداسين،
هن سان پيار ڪري سگهنداسين. انجو مطلب اهو نه ڪڍڻ
گهرجي ته جيڪڏهن مالڪ جڏهن چاهيندو، پنهنجي ڀڳتي ڪرائيندو
ته پوءِ اسين هنجي ڀڳتيءَ طرف هلڻ جي ڪوشش ئي ڇو
ڪريون؟ اسين ڏسندا آهيون ته هڪ ڀيکاري ڪهڙي طرح
اسان جي دروازي تي اچي ڀيک منگي ٿو، صدا لڳائي ٿو.
هو ڀيک پنڻ کان اڳ اهو ته نٿو ڏسي ته جيڪڏهن منهنجي
جهوليءَ ۾ ڪجهه وجهندا ته پوءِ مان صدا لڳايان، نه ته پنهنجو
وقت برباد نه ڪريان. هنجو ڪم آهي ڀيک منگڻ، درن
تي پڪار ڪرڻ، پوءِ اهو گهر واري جي هٿ ۾ آهي ته
جيڪي وڌيڪ سو هنجي جهوليءَ ۾ وجهي. اسين سڀ
دنيا جا جيو ان مالڪ جا منگتا آهيون ڀيکاري آهيون، ان
جي در جا ڪتا آهيون ۽ اهو پرماتما جي هٿ ۾ آهي ته
جڏهن وڌيڪ، اسانتي دَيا ڪري، مهر ۽ بخشش ڪري.
ائين ته نٿو سگهجي ته اسين پرماتما جي ڀڳتي ڪريون ۽ هو
اسان تي دَيا نه ڪري. پر اسين اُن پرماتما جي ڀڳتي ڪرڻ
جي ڪوشش ئي نٿا ڪريون. جيڪڏهن هنجي ڀڳتي ڪريون
به ٿا ته دنيا جي شڪلين لاءِ ڪريون ٿا، دنيا جي پدارٿن
لاءِ، ڌن دولت لاءِ ڪريون ٿا؛ هنجي ڀڳتي هن سان ملڻ
لاءِ ڪو نه ٿا ڪريون. جيڪڏهن اسين پرماتما کان صرف
پرماتما ئي گهرنداسين ته ڪو به سبب ڪونهي جو هو اسان
تي دَيا مهر نه ڪري، اسين ته پرماتما

ڪمائي ڪري پنهنجي اندر مان پنهنجي "پاڻ" کي، يعني پنهنجي اهم ڀاو کي وڃائي ٿا ڇڏين. اسانجي ۽ پرماتما جي وچ ۾ جيڪڏهن ڪا رڪاوٽ آهي، ڪو پردو آهي ته اهو صرف پنهنجي 'پاڻ' جي رڪاوٽ آهي، پنهنجي 'اهم' جو پردو آهي. نائين پاتشاهيءَ جي باڻي آهي، "آپ ونجائي تان سڀ ڪجھ پائي،" جڏهن اسين پنهنجي اندر مان پنهنجي پاڻ کي ڪڍي ڇڏينداسين ته اسين پنهنجي اندر سڀ ڪجھ پراپت ڪنداسين. جيڪڏهن "مان منهنجو" نڪري ٿا وڃن، هوميءَ ختم ٿي وڃيٿي ته باقي تون ئي تون، پرماتما ئي پرماتما رهجي ٿو وڃي. سو گورمک شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪري پنهنجي اندر مان هوميءَ ڪڍي ٿا ڇڏين ۽ پرماتما سان ميلاپ ڪرڻ جي سوڀيا پراپت ڪن ٿا. گورو صاحب جن گورمکن جي مهما ڪندي فرمائين ٿا، "تهان گڻان تون رهي نرارا، سو گورمک سوڀا پائيندا،" يعني گورمک تموگڻ، رجوگڻ ۽ ستوگڻ - ٽنهي گڻن کان پار ٿي وڃن ٿا، انهنجي آتما نرمل ٿي پوي ٿي ۽ اهي پرماتما جي درگاهه ۾ وڃي هميشه لاءِ سوڀيا پائين ٿا. سو گورمک سچڻ شبد ۽ نام جي ڪمائيءَ ۾ لڳا رهنتا ۽ باقي منمک لوڪ باهر مکي ٿي، ڀرمن ۾ ڦاسي ڀٽڪندا ڦرن ٿا.

"جسنو ديئہ سوئي جن پاويءِ،
هور ڪيا ڪو ڪري چترائي."

هاڻي گورو صاحب مالڪ ڏانهن مخاطب ٿي فرمائين ٿا ته اي پرماتما! جيڪي ڪجھ ٿي رهيو آهي، تنهنجي ديا مهر ۽ بخشش دوارا ٿي رهيو آهي، جن جن کي تون گورمک بڻائڻ چاهين ٿو سي گورمک بڻجن ٿا، انهنجو حساب ڪتاب ختم ٿي وڃيٿو. باقي اسان سڀني جو حساب ڪتاب

تا، ”ڪرم هوويءِ سنگور ملائي، سيوا سرت سبد چت
لائي،“ يعني جڏهن اهو مالڪ اسان تي بخشش ڪري،
دَيا ڪريٿو تہ اسانجو سنگوروءَ سان ميلاپ ٿئي ٿو. سنگورو
اسانکي ڇيو ڪري اُپديش ڏين ٿا؟ ”سيوا سرت سبد چت
لائي.“ اهي اسانجي سرت يعني آتما کي شبد سان جوڙڻ
جو ڀيد ڏين ٿا. جڏهن اسين سرت شبد جي ڪمائي ڪريون
ٿا تہ واپس وڃي پرماتما سان ميلاپ ڪريون ٿا. انهيءَ
ڪري جيڪي ڪجھ اسانکي مليو آهي، ان مالڪ جي دَيا
مهر سان مليو آهي.

ڪائئا اندر ڀئہ ڀاءُ وس گور پرسادي پائي.

جن جيون کي پرماتما سان ملڻ جو شوق، پيار هوندو
آهي، اهي پرماتما جو ڀئہ بہ رکندا آهن. اهي پرماتما جي ڀئہ
۾ رهندي ڪا بہ اهڙي بري ڳالھ نہ ٿا ڪن جنهن ڪارڻ
پرماتما انهن سان ناراض ٿي پوي، پرماتما کي خوش ڪرڻ
لاءِ، هنجي پرسنتا پراپت ڪرڻ لاءِ اهي هنجي ڀڳتي ڪن ٿا،
نام ۽ شبد جي ڪمائي ڪن ٿا. گورو صاحب جي اپديش جو
اهو ئي مطلب آهي تہ جن جي دل ۾ پيار هوندو، انهن جي
دل ۾ پرماتما جو ڀئہ بہ هوندو. اصل ۾ اهو ڪو ڀئہ ڪونهي
بلڪ هيءَ اها ڀاونا آهي تہ پرماتما متان ناراض ٿي پوي.
اسين ڏسون ٿا تہ سنسار ۾ جن مترن ۽ پيارن سان اسانجو
پريم هوندو آهي، انهن کان اسين ڊڄون بہ ٿا تہ متان ڪا
اهڙي ڳالھ ڪري وجهون جنهنڪري هنجي ناراضگي سهڻي
پوي. هنن کي خوش ڪرڻ لاءِ اسين اُهيئي ڪم ڪريون
ٿا جيڪي هنن کي وڻن ٿا. اهڙي طرح جن جي اندر ۾
پرماتما سان ملڻ جو شوق ۽ پيار آهي، پرماتما جي لاءِ پريم
۽ تڙپ آهي، اهي پرماتما کان ڊڄن بہ ٿا. اهو شوق ۽ پرماتما

جي ڀڳتي پنهنجي اڇائن کي پوري ڪرائڻ لاءِ ڪريون ٿا. ڪڏهن سوچيون ٿا ته اسانجي اندر اهي ڪامنائون، اهي اڇائون پيدا ڪير ٿو ڪري؟ اسانجو من ٿو ڪري ۽ انهن اڇائن کي اسين پورو ڪنهن کان ٿا ڪرائڻ چاهيون؟ پرماتما کان ڪرائڻ چاهيون ٿا. پنهنجي من کي ٿا سمجهايون ته تون پرماتما جي رضا ۾، پرماتما جي موج ۾ رهه. بلڪ پرماتما کي سمجهايون ٿا ته تون اسانجي من جي مرضيءَ مطابق هل. اسين من کي پرماتما کان به وڏو سمجهي ويٺا آهيون. مهاتما سمجهائين ٿا ته اسانکي هميشه مالڪ جي موج ۾ رهڻ کپي، هنجي ڀاڻي ۾ رهڻ کپي. جنهن به حالت ۾ مالڪ رکي، انهيءَ حالت ۾ رهي هنجي ڀڳتي ڪرڻ گهرجي، نام جي ڪمائي ڪرڻ گهرجي. جيڪڏهن هو راڄ ٿو ڏئي ته به اسانکي هنجا گڻ ڳائڻ گهرجن، جيڪڏهن در در جون ٺوڪرون کائڻيون پون ته به اسانکي اُن پرماتما جو آسرو نه ڇڏڻ کپي. جهڙي طرح جهاز جي ڪانءَ کي جهاز کانسواءِ ٻيو ڪو ٺڪاڻو ئي ڪونه هوندو آهي، هو چاهي ڪيتريون به اڏاريون ڏئي، هنکي واپس جهاز تي ئي اچڻو پوندو. اهڙي طرح اسين ڪيترو به ٻاهر ڀٽڪندا رهون، پر ان مالڪ کانسواءِ اسانجو ٻيو ڪهڙو ٺڪاڻو ٿي سگهندو؟ سو گورو صاحب مالڪ کي ئي مکيه رکن ٿا. ان پرماتما کان اسان کي جيڪي ڪجهه مليو آهي، هن جي ديا مهر ۽ بخشش سان مليو آهي. پاڻ ٻئي هنڌ به اُپديش ڪن ٿا، "جيون مرنا سڀ تدهي لائي، جس بخسي تس دي وڊيائي."

هي پرماتما! اسانجو جنم مرڻ سڀ تنهنجي هٿ ۾ آهي. جن تي تون بخشش ڪرين ٿو، انهنکي تون سچي وڏائي بخشين ٿو، يعني انهنکي پاڻ سان ملائي ٿو ڇڏين. اهو پرماتما اسان تي ڪهڙي طرح بخشش ڪري ٿو؟ گورو صاحب فرمائين

۾ آهي پر جيڪي لوڪ هن دنيا ۾ وڃي، ستگوروءَ وٽ وڃي شبد ۽ نام جي ڪمائي ڪندا، انهن لاءِ ئي پرماتما دَيا ڪندو، مهر ۽ بخشش ڪندو؛ انهن تي دَيا مهر ڪري انهنکي پاڻ سان ملائي ڇڏيندو.

وڻ ناويءَ در ڍوئي ناهين تا جم ڪري خواري.

هاڻي هن سچي شبد جي سار جو ذڪر هن ڪڙيءَ ۾ ڪندا. پاڻ فرمائين ٿا ته جيڪڏهن هن شرير ۾ اچي نام ۽ شبد جو ابياس نه ڪنداسين ته چاهي ڀلو ڪو ٻه اُپاءَ ڪٿي ڪريون، ڪهڙا به ساڌن ڪٿي ڪريون، اسانجو جمدوتن کان، ڌرمراءِ کان ڪڏهن به ڇوٽڪارو نه ٿي سگهندو. موت کانپوءِ اسانکي ڌرمراءِ اڳيان پيش ٿيڻو پوندو. اسانجي ڪرمن انوسار، اسانجي ڪاميائن ۽ ترشنائن انوسار جتي به ڌرمراءِ ٺيڪ سمجهيندو، اُتي ئي اسانکي جنم وٺڻو پوندو. هڪ ديهه مان اسانجو ڇوٽڪارو ٿيڻ ئي ڪونه ٿو ته ٻيءَ جو پانجو اسان لاءِ پهريان ئي تيار رهيتو. اُن ۾ وڃڻ سان ئي موت اکين جي اڳيان اچي کڙو ٿي بيهي ٿو. ڏهين نمبر قيديءَ وانگر هٿڪڙي لڳل ئي رهيتي، جنم مرڻ جي دکن ۾ اسين هميشه قائل ئي رهون ٿا. جيڪڏهن جمدوتن کان بچڻو آهي ته گورو صاحب چون ٿا ته نام جي ڪمائي ڪرڻ کپي، شبد جو ابياس ڪرڻ کپي. نام جي ڪمائي ڪرڻ وارن جي نزديڪ نه جمدوت اچنتا ۽ نه ڌرمراءِ اچي سگهيتو، بلڪ پاڻ ستگورو اچن ٿا ۽ انهنکي وٺي سڌو سچکنڊ وڃن ٿا. سو گورو صاحب پيار سان سمجهائين ٿا ته جيڪي ڪجهه اسانکي ملندو اهو صرف شبد ۽ نام جي ابياس جي دواران ئي ملندو. گورو صاحب فرمائين ٿا، ”بن ستگورو اَنتر آنهيرا، نا وست لڀي نا چوڪي ڦيرا.“ شبد ۽ نام جي ڪمائي ڇڏي باقي پنهنجي مرضيءَ مطابق ڪهڙو به ساڌن ڪٿي

جو پيءِ ڪڏهن تو پيدا ٿئي؟ جڏهن اسين گورمکن جي سنگت ٿا ڪريون، سنتن مهاتمائن جي سنگت ٿا ڪريون. هنن جي سنگت ۾ رهي اسانکي پنهنجي اصل جو پتو پوي ٿو، اسانجي من ۾ پنهنجي گهر وڃڻ جو چاهه اُپن ٿئيٿو، اسانجو من مالڪ جي ڀڳتيءَ طرف وڃيٿو ۽ اسانجو خيال شراب ڪباب، وشيه وڪارن ۽ ٻين دنيا جي ڌنڌن مان نڪري ٿو.

ڪائنا اندر برهما بسن مهيسا سڀ او پت جت سنسارا.
سچيءَ آپڻا کيل رچائنا آوا گوڻ پاسارا.

اهو سڀ ڪجهه چئي اڳتي فرمائين ٿا ته هي سنسار آواگون جو پسارو آهي، هتي جنم مرڻ جو چڪر هلندو ٿي رهيٿو، هيءُ سڀ اُن پرماتما جو کيل آهي. جيڪي سڄڻ هتي اچي شبد ۽ نام جي ابياس ۾ لڳي ٿا وڃن انهن جو چوراسيءَ کان ڇوٽڪار ٿي وڃيٿو، باقي سڀني جو اهو ٿي حساب ڪتاب هلندو رهيٿو.

پوري ستگور آپ دکائيا سچ نام نستارا.

پاڻ فرمائين ٿا ته ان ڳالهه جو گيان اسانکي گورمکن جي سنگت مان ٿي پراپت ٿئيٿو. هيءُ جيڪي ڪجه نظر اچي رهيو آهي، اهو پرماتما جو کيل آهي. انجو ٻه اسانکي ستگوروءَ جي سنگت مان پتو پوئيٿو. جيڪي سڄڻ هتي اچي شبد ۽ نام سان پنهنجي خيال کي جوڙين ٿا، انهنجو هميشه لاءِ هن ڀوساگر مان ڇوٽڪارو ٿي پوئيٿو، اهي جنم مرڻ جي دکن کان بچي وڃن ٿا.

سا ڪائنا جو ستگور سيويءَ،
سچي آپ سواري.

وري فرمائين ٿا ته پرماتما اسان سڀني جي ديهه ۽ شرير

ڪرڻون، ته نه اندر مان اهنڪار دور ٿيندو ۽ نه پرماتما سان ميلاپ ٿيندو ۽ نڪي چوراسيءَ مان ڇوٽڪارو ٿيندو.

نانڪ سچ وڏيائي پائي جسنو هري ڪرپا ڌاري.

پر اها شبد ۽ نام جي دولت ڪهڙن کي ٿي ملي؟ "جسنو هري ڪرپا ڌاري،" يعني جن تي پرماتما جي ڪرپا ٿئي ٿي، ديا مهر ۽ بخشش ٿي وڃي ٿي. سڀ ڪڇ ڇٽي گورو صاحب وري پرماتما کي مکيه رکن ٿا ته جو ڪڇ به اسانکي ملندو پرماتما جي ديا مهر دوارا ئي ملندو. جيڪڏهن مڪتيءَ جو ڪوئي ساڌن آهي ته اهو شبد ۽ نام جو اڀياس آهي. نام جي اڀياس جو طريقو اسانکي ڪيول ستگوروءَ کان پراپت ٿي سگهي ٿو ۽ سچي ستگوروءَ سان اسانجو ميلاپ تڏهن ئي ٿي سگهي ٿو جڏهن اُن پرماتما جي ديا مهر ۽ بخشش ٿيندي. تنهنڪري اسانکي به گهرجي ته گورو صاحب جي اُپديش مان فائدو وٺي نام جي ڪمائي ڪرڻون، پنهنجي اندر وڃي نام ۽ شبد سان جڙون.